جنم ساکي

شري امر اُڏيري لعل صاحب جي

پنجڙا- سلوڪ- ڀڄن- ١٢ مهنا- اٺ وار- پلؤ ۽ آرتي سميت

(حق واسطا قائم)

قيمت ٠-٥-٣

سڌاريل :- ڪرسواڻي منوهر لال

ايل- ڪشنچند ۽ سنس، ڪيمپ الهاسنگر-٢ (بمبئي)

ॐ

शिव शान्ती संत बाबा आसूदाराम आश्रम
शिवसखी पुस्तकालय एवं वाचनालय

شري گڻيشاءِ نمه

شري امر اُڏيري لال صاحب جي جنم ساکي

منگلا چرڻ

سمرن ڪري گرو ديو جو - شري گڻيش جو ڌري ڌيان
جڳ ديئي سمريا درگا جي - پاپان شڪتي ڀڳتي مهان
سرسوتي سهائي ٿئي - سدا مٺي ڪري زبان
گڻ ڳايان امر لال جا - جو اڻڇي اَمر اڪٿ گيان
ڪٿا امر لال جي - تو ڄاڻي سڀُو جهان
لکان ٿو وستار سان - ڪولي سڀو بيان
رتن راءِ جي گهر ۾ - ورتو جنم سڀان
ماتا جنهن جي ديوڪي - ڪيو اڏيرو ۾ جنهن استان
مڇ سندي روپ ۾ - آيو ڄڻي اَمر ڀڳوان
امر جنهن پير اڏيرو - نام رکيو نيشان
مرک شاهه ۽ وزير جو - لاٿو جنهن ايمان
ماري مهاڻو ان کي - ڌري روپ مهان
پيدا ٿئي رکيو ذات جو - سڀ جو ڪيو ڪلياڻ
هندو ڌرم جي جنهن ڪئي - جٽائي ڇوٽيءَ جي رکي لاڄ
جل جوتيءَ جي پوڄا جو - ڪيو اوچو مٿي شان
ديا ڪري ڀڳتن سنت تي - انهن جا ڪم ڪيا آسان
سوالي دوله انهن جي در تان - ويا موٽي ڪڏهن نه خالي
سڀ جا ڪم پورا ڪري - سڀ جو رکيو تو ڌيان
هاڻ ”اُتم“ تي ڪر احسان - اچي امر لال اون.

शिव शान्ती संत बाबा आसुदाराम आश्रम * वी०आई०पी० रोड, लखनऊ *
शिवसखी
पुस्तकालय
एवं
वाचनालय

جو ڀاڱو نہ، پر آزاد پرڳڻو هو. سنڌو ندي ٽئي کان اترپور ڏاکڻ وهندي هئي. سنڌو نديءَ جي ڪري ئي انهن ڏينهن ۾ ننڍو وڏو اوج ۾ وسيل هو. انهيءَ وقت ۾ ئي سنڌ جو حاڪم مرک شاه نالي سنو ذات جو حڪومت هلائيندو هو. سنڌ کي راڄڌانيءَ کان خليفي جي حد گهڻو پري هئي، انهيءَ ڪري سنڌ کي سنڀالي نہ سگهيو ۽ سنڌ جا حصا حصا ڪري ڪن نوابن کي پٽي مقرر ڪري انهن جي حوالي ڪيا. سنڌ جي سڀئي مسلمان نوابن ۾ مرک شاه ٽئي جو وڏو حاڪم (بادشاه) هو. مگر مذهب جو ڪٽر مسلمان هو. هڪ ڏينهن من ۾ ويچار ڪري چوڻ لڳو تہ ڇو نہ مان پنهنجو دين مذهب وڌايان ۽ جيڪي بہ هندو آهن انهن سڀني کي مسلمان بڻائي ڇڏيان. مرک شاه کي سچي اسلام جي اصل خبر ڪانہ هئي هو اسلام جي علم کان غير واقف هو. اهو ويچار ڪري پنهنجي وزير يوسف علي کي گهرائي صلاح ڪئي. پر جهڙو پاڻ مورک هو تهڙو ئي بيوقوف وزير هوس. ان وزير جي بہ اهائي مرضي هئي تہ پنهنجو دين مذهب وڌائجي. اڃا بادشاه ۽ وزير پاڻ ۾ صلاح ڪري رهيا هئا تہ اتري ۾ ڪيترا مکيہ مولوي اچي آيا جن اچي هندن جي خلاف بادشاه جا ڪن ڀريا جنهن آڳي باقي مرک شاه کي سخت ڪٽر بڻائي وڌو. مولوين بادشاه کي ائين بہ چيو تہ جيڪڏهن توهان هندن سڀني هندن کي مسلمان بڻائيندا تہ خدا صاحب اوهان کي جنت

سدا ٻڌائي ڏاتي - ساڃهن هجي گڻيش ڀڳوان
ٻڌي ڏيو رکيا ڪرڻ - برهما وشنو مهيش

ڪٿا شروع اڌياءِ پهريون

شري امر اڏيري لال کي امرلال جا پوڄاري انيڪ نالن سان ياد ڪندا آهن ورڻ ديو، جندهه پير، اڏيرو لال، امرلال ۽ جل جوتي ڪري چون ٿا. جڏهن جڏهن ڌرم جي هاڃي ٿئي ٿي، تڏهن تڏهن وشنو ڀڳوان ڪونه ڪو اوتار وٺي دشمن کي ناس ڪرڻ لاءِ پرگهٽ ٿئي ٿو.

سنڌ ۾ ٺٽو اصل گاديءَ جو هنڌ هوندو هو عيسوي سن ڏهين صدي يا ٻارهين وڪرم سمت ۱۰۰۷ع ڌاري ٺٽي نگر ۾ مرکشاهه کي ٺٽي جو نواب مقرر ڪري رکيو ويو. شهر جي پرسان مرک واهه هوندو هو ۽ سنڌو نديءَ جي ڪناري کي ويجهو هئڻ ڪري عربستان ڪابل جي واپار جو مکيه هنڌ هو. راڄڌاني هئڻ ڪري وڏا وڏا سوداگر واپاري اچي واپار ڪرڻ ايندا هئا. هڪ ته سڄو شهر ٽڪريءَ تي ٻڌل هو جنهن جي آب هوا تمام سٺي ۽ وڻندڙ هئي. انهيءَ ٺٽي نگر ۾ ٽي مکلي ٽڪريءَ تي جنهن ۾ انڪل سوا لک پير فقير ٿي گذريا آهن، جن جا نشان اڄ ڏينهن قائم آهن. ڏهين صدي کان وٺي ٺٽي کي سنڌ جو وڏو بندرگاهه ڪري ليکيو ويندو هو. انڪل ساڍا نو سو سال اڳ ۾ سنڌ هندستان

ڪيترين سنڌياڻين نينگرين نياڻين کي زوريءَ ڪڍي انهيءَ کي مسلمانن جي حوالي ڪيو ويندو هو. جيڪي انهن سان حڏي نڪاح وجهندا هئا، ڪن کي نوڪرياڻي ڪري رکندا هئا. مطلب ته مرک شاهه هندن مٿان اهڙو ته ظلم ڪيو جنهن جي حد ٿي چڪي. زوريءَ برهمڻن جا ٽلڪ لاهي، انهن کي ائين چوندا هئا ته "جيڪڏهن توهين اسلام قبول نه ڪندا ته ياد رکجو توهان جو خون چوسيو ويندو ۽ ماس ڪتن کي کارايو ويندو." مطلب ته هندن لاءِ سواءِ مسلمان ٿيڻ جي ٻيو ڪو به بچاءَ جو رستو نه رهيو. ڪيترن هندن کي ڦاسيءَ تي لٽڪندو ۽ سور سختيون سهندو ڏسي ڪيترا هندو مسلمان ٿيڻ لڳا پر ڪي اهڙا به هئا جن هندو ڌرم جي لاءِ مرڻ قبول ٿي ڪيو پر ڌرم ڇڏڻ نه ٿي چاهيو. اهڙي حالت ڏسي سنڌ جا مکي، ساڌو برهمڻ پنچايت گڏ ڪري پاڻ ۾ فيصلو ڪري سڀئي گڏجي ڪچهريءَ ۾ مرک شاهه وٽ آيا ۽ عرض ڪري چوڻ لڳا ته "هي بادشاهه! هن راڄ هندن کي زوريءَ اسلام ۾ آڻڻ، سندن مال زر زمينون ضبط ڪرڻ ۽ سندن زالون ۽ نياڻيون ڪڍي وڃي بي عزتي ڪرڻ، اهو حڪومت جي شان وٽان نه آهي بلڪ حڪومت جي شان تي داغ آهي. تنهڪري اهو ظلمي قانون فقط ٽن ڏينهن لاءِ بند ڪيو وڃي، جيڪڏهن ٽن ڏينهن ۾ اسانجو ڪو به ساٿي مددگار نه ٿيو ته پوءِ اسين سڀئي خوشيءَ سان مسلمان ٿينداسون."

۾ جاءِ ڏيندو جتي حرون ۽ پريون لوهاڻي اچي خدمت چاڪريون ڪنديون. تنهن ڪري سڀني شهر ۾ ڍنڍورو ڦيرايو ته جيڪي به هندو منهنجي راڄ ۾ آهن سي سڀئي مسلمان ٿين ۽ جيڪي به خوشيءَ سان مسلمان ٿيندا انهن کي وڏا وڏا ۽ عمدا بخشيشون ڏيون ويندون جيڪي خوشيءَ سان مسلماني مذهب قبول نه ڪندا تن کي ڦاسيءَ تي لٽڪايو ويندو يا سخت سزا ڏئي سندن مال زر زيور ڪسي کيس گوليءَ سان اڏايو ويندو. سندن زالن ٻارڙين کي زوريءَ گهرن مان ڪڍي انهن جي بي عزتي ڪري زبردستي اسلام ۾ آندو ويندو.

بادشاهه جي اها ڳالهه ٻڌي هندن ۾ تڙٿلو پئجي ويو ۽ ڏاڍو ڏڪڻ لڳا ۽ کائڻ پيئڻ سڀ ڀلجي ويا.

هيڏانهن بادشاهه وزير ڏٺو ته ڪوبه هندو مسلمان ٿيڻ لاءِ تيار نه آهي سو غصي ۾ اچي لال ٿي ويو ۽ پنهنجي ماڻهن کي سنه ۹۵۰ع برابر سنبت ۱۰۰۷ جي جمع جي ڏينهن حڪم ڏنو ته منهنجي حڪم جي تعميل ڪريو. بس حڪم ملڻ جي دير هئي. هندن جا جيڪي ڇوڪرا اسڪول ۾ ويل هئا انهن کي زوريءَ طور ڪري مسلمان بڻائي، مسجدن ۾ وهاري ڇڏيو ۽ هندن جي جڻين لاهڻ ۽ چوٽين ڪٽڻ جو هڪدم ڪم چالو ٿي ويو. جيستائين پنج پاءُ وزن جيترا جڻيا نه لهرائيندو هو تيستائين بادشاهه روٽي حرام ڪري سمجهندو هو.

اها ڏين ڏکين جي پڪار ٻڌي ڀڳت وتسل ڀڳوان ساکيات ٻاڻ ورڻ ديو جو سهڻو سندر روپ ڌاري نيلي گهوڙي تي سوار ٿي، پاڻيءَ مان نڪري، سڀني کي درشن ڏئي چوڻ لڳو ته ”اي هندو! مٿان گهٻرايو اٿو. توهان ڪنهن به قسم جي چنتا، ڏک نه ڪريو مان هاڻ جلد اچي توهان جا ڏک دور ڪندس. مرک شاهه بادشاهه توهانجو هڪ وار به ونگو ڪري نه سگهندو. مان توهان جي مدد لاءِ، دشمن کي ناس ڪرڻ لاءِ؛ ظلم جي پاڙ پٽڻ لاءِ نصرپور ۾ سگهڻ ساڪار روپ ۾ ڀڳت رتنراءِ ٺڪر جي گهر پنهنجو اوتار وٺندس (پرگهٽ ٿيندس) توهين بادشاهه کي خبر ڏيو ته اسان جو جل جوتي مددگار جلد توهان سان گڏ ٿيو.

ڀڳوان جل جوتي پرڀو جي مک مان اها واڻي ٻڌي هندو ڏاڍا خوش ٿيا ان وقت سڀني کي اهڙو ته آنند آيو جنهن جي ڳالهه ڪرڻ ڪان ٻاهر آهي. پوءِ سڀئي ٻرهم سان گڏجي جئه جلپت نارائڻ ڀڳوان جي جئه جئه مدائيندا هري گڻ ڳائڻ لڳا.

— سلوڪ —

اٿر ڏانهن اٿي آيو – منهنجو سهڻو ساڻول شاهه
وڻ ٽڻ سڀ ساوا ڪيئه – اڄ ساڻو ڪيئه گاهه
ماءُ چوي ٿي پٽ کي – تون مکڻ وڃي کاءُ
تون تاوازيءَ ۾ – پيٽي لڳم پاءُ
منهنجو اهڙو ساڻول شاهه – جهڪو ڏيندو ڏاڻ سگهڻ کي.

نواب هندن جي اها ڳالهه ٻڌي ٿتولي ڪري کين چوڻ لڳو ته جڏهن هيترا هزارين هندو مسلمان ٿي چڪا آهن تڏهن هيترن ڏينهن ۾ انهن جو ڪوبه سائي مددگار نه جاڳيو هاڻي توهان جي لاءِ ڪير ايندو؟ تنهن هوندي به مان توهان جي چوڻ موجب ٽن ڏينهن لاءِ اهو قانون بند ڪرڻ جو حڪم ٿو ڏيان. ائين چئي نواب مرکشاهه وزير کي گهرائي چيو ته فقط ٽن ڏينهن لاءِ ڪوبه حڪومت جي اندر ڪنهن به هندوءَ سان سختي يا زوريءَ مسلمان بڻائڻ لاءِ زبردستي نه ڪري. تنهن کان پوءِ هندن نواب کان ٽن ڏينهن جي مهلت وٺي پنهنجن ٻارن ٻچن سميت ٺٽي شهر جي ويجهو سنڌو نديءَ جي ڪناري تي گڏ ٿي پاڻ ۾ صلاح ڪري ان سرو شڪتيوان پرميشور کي حاضران حضور جل ۾ جاڻي، دولهه دريا کي ڀڳوان جو سروپ سمجهي، وشڻو ڀڳوان جي ڌيان ۾ ڌني لڳائي ويٺا. برابر ٽي ڏينهن ٽي راتيون سانده بنا اَن يا جل جي **نرآڪار نرگڻ جل جوتي سروپ** جي سچي دل سان پرارٿنا ڪرڻ لڳا.

— سلوڪ —

دولهه ٺهڪجي در تي اڄ آهس آس ڪري
ٻاجهه ڪر اسون ٻاجهارا ته اسين مسين ٿري
ظالم وڏو آهي زور سان ڏاڍو ظلم ڪري
آهين جاڻي جاڻڻ هار توکان ڳجهو نه پري
وڃ ان کي ناس ڪري اچي مهر ڪر مسڪين تي.

گهر ويا ۽ رات ڏينهن ايشور کي آراڌنا ڪرڻ لڳا ته هي ڀڳوان! هاڻي جلد اچي اسانجي ڌرم جي رکيا ڪر.

— پنجڙو —

طرز- اب تيري سواء ڪون ميري ڪرشن ڪنهيا.

ٽـل- رکي لاج اچي هاڻ منهنجي لال اڏيرا

ڏني ڏوشن وچ داس کي منهنجا لال اڏيرا

عيبن ۾ ڀريل آهيان سڀو آءٌ گناهگار

ڪر مهر اچي هاڻ مون تي آهيان طلبگار.

شري اڏيري لال جو جنم

نصرپور ۾ سمبت ١٠٠٧ چيٽي چنڊ ڏارونءَ جي ڏينهن ٽن ٻجي شام جي وقت، ڀڳت رتنراءِ جي گهر شري امر اڏيري لال صاحب جن پنهنجو اوتار پرگهٽ ڪيو. ماڻهن وانگر ڀڳوان جا اوتار ڪڏهن به جنم نه وٺندا آهن جهڙي طرح ڀڳوان ڪرشن جي ماتا جو نالو ديوڪي هو، اهڙي طرح لال صاحب جي ماتا جو نالو به ديوڪي هو. انهن ڏينهن ۾ سنڌو ندي نصرپور ڀرسان وهندي هئي ۽ ڀڳت رتنراءِ جو گهر درياهه جي ڪپ تي هو. جنهن ڏينهن لال صاحب جنم ورتو هو، ان ڏينهن جهڙ ۽ برسات جون سنهيون بوندون پوڻ لڳيون، ٿڌي ۽ مٺي هير لڳڻ شروع ٿي وئي، وڻ ٽڻ جهولڻ لڳا ۽ پکي مٺيون ٻوليون ٻولڻ لڳا.

درياهه شاهه جي پوڄارين جي اندر ۾ نئين روشني جاڳي اهڙي وقت ۾ اوچتو درياهه شاهه جي لهرن ۾

اهڙيءَ طرح جل جوٽي ڀڳوان جا ڀڄن ڳائيندو خوشيون ملهائيندو، هرڪو پنهنجي پنهنجي گهر هليو ويو. پوءِ ڪجهه ڏينهن مکي گڏجي مرکه شاهه وٽ ويا. هن کي سموري حقيقت ڪري ٻڌائي چوڻ لڳا ته "اي بادشاهه! اسانجو سچو سائين مددگار نصرپور ۾ سيٺ رتنراءِ جي گهر اوتار وٺي، توهان سان جلد اچي گڏبو."

هندن جي اها ڳالهه ٻڌي بادشاهه عجب ۾ پئجي وزير کي گهرائي چوڻ لڳو ته "اي وزير! ڇا سچ پچ خدا اِنسان جو چولو وٺي هنن هندن جي اچي مدد ڪندو؟" تنهن تي وزير چوڻ لڳو ته "بادشاهه سلامت! هيترا ڏينهن خدا صاحب اچي هنن جي مدد ڪانه ڪئي، سو هاڻي هنن ڪافرن جي لاءِ مٿس جو چولو وٺي اچي مدد ڪندو. توهين ڪنهن به قسم جي چنتا نه ڪريو ڏسون ته سندن سچو مددگار ڇاٿو ڪري نه ته پوءِ به اسين هنن کي مسلمان ڪري پنهنجو دين اسلام وڌائينداسين."

مرکه شاهه وزير جي اها صلاح ٻڌي هندن کي چيو ته "چڱو مان توهان کي وڌيڪ مهلت ڏيان ٿو جيڪڏهن هڪ هفتي اندر توهان جو سنگرو يا مددگار مون سان اچي نه گڏيو ته ياد رکجو ته پوءِ توهان کي خوشيءَ سان مسلمان ٿيڻو پوندو، نه ته زوريءَ توهان کي اِسلام قبول ڪرائڻو پوندو يا ڦاسيءَ تي لٽڪايو ويندو."

بادشاهه جي اها ڳالهه ٻڌي هندو ڏکندا پنهنجي پنهنجي

دشمن کي ناس ڪرڻ ۽ پرٿوي تي سرڳ ساڪار روپ ۾ اوتار وٺي آيو آهي. هي جل جوتي سروپ اوتار آهي ۽ جيڪو ماڻهو هن جو سچي دل سان ڌيان ۽ سمرن ڪندو سو هڪ ڀو ساگر کان ترندو.

ڇهين ڏينهن ڇٺيءَ موجب ٻرهمڻ ٻالڪ جو نالو اُڏيرو چند رکيو پر رتنراءِ ۽ ماتا ديوڪيءَ پيار وچان ٻالڪ جو نالو اُڏيرو رکيو. اُڏيري جو جنم ڇنڇر ڏينهن ٿيڻ ڪري، ڇيوڪ اهو ڏينهن ملهائيندا آهن، ان ڏينهن ٻچن ٻياو ڪندا آهن ۽ ان ڏينهن سکو سيسا ورهائيندا آهن.

— سلوڪ —

درياهه شاهه داد لا - مان گناهن ۾ آهيان پر
پاڻي پاند ڳچيءَ ۾ - آس دولهه لهڻجي در
عيب نه مون ۾ ڪيترا - سڀ تون معاف ڪر
پڪي وٽ پولڻ تون - پي واهه ناڻم ڪووسيلو.

شري امر لال اُڏيري جي اوتار جي خبر جتي ڪٿي ڦهليءَ وانگر ڦهلجي وئي. جڏهن اها خبر مرک شاهه جي ڪن تي پيئي ته هندو هر هنڌ خوشيون ملهائي رهيا آهن ۽ انهن چٺي رهيا آهن ته اسانجا سڀ ڏک دور ٿي ويا، ڇو ته ڌرم جي رکيا ڪرڻ لاءِ جل مان جلپتي ڀڳوان پرگهٽ ٿيو آهي، تنهن ڪري مرک شاهه سان اهو پاڻيهي مقابلو ڪندو. هندن جون اهي ڳالهيون ٻڌي پاد شاهه ڏڄي ويو.

هيڏانهن ماتا ديوڪيءَ جڏهن ٻالڪ امر لال کي کير

هڪ عجيب نظارو ڏسڻ ۾ آيو ۽ سيٺي جو ڌيان اوڏانهن ڇڪجي ويو. ڇا ڏسن ته درياه شاه جي وچ سير ۾ پلي جي مٿان، هيرن جواهرن سان جڙيل ڇٽ سان سفيد چوغي ۾ فرشتو لمبي ۽ پيڙهي ڏاڙهيءَ وارو هڪ هٿ ۾ مالها ڦيرائيندو ۽ ٻئي هٿ سان آشيرواد ڪندو، لهرن مٿان لڏندو پيئي آيو. اتي پٽل درياه شاه جي پوڄارن هن فرشتي کي جل ۾ پلي تي سوار ڏسي اچانڪ پوڄارن جي مک مان جهولي لال جهولي لال جهولي لال جو آواز نڪري ويو. انهيءَ ڏينهن کان وٺي جيئي ته درياه شاه جا پوڄاري هڪ ٻئي کي گڏيا آهن ته جهولي لال چئي هڪ ٻئي سان گڏبا آهن.

ٻال اوستا

شري امر لال اڏيري جو بال سروپ جنهن جي سندرتا جو ورنن ڪير ڪري سگهي، ان ٻالڪ جي مک مان ڪرانتي پئي بکي، شري امر لال جي سونهن اڳيان سج چنڊ به لڄي پئي ٿيا. سيٺئي ماڻهو ٻالڪ جو سهڻو سروپ ڏسي ساراه ڪرڻ لڳا ته هيءُ ٻالڪ ساکيات پرماتما جو سروپ آهي. دل ۾ پڪ ٿين ۽ ائين سمجهڻ لڳا ته هيءُ ضرور مرک شاه جي ظلم کي ختم ڪندو.

دستور موجب نڪرلن راه ٻالڪ جي ڇٺي ملهائڻ لاءِ گهر ۾ گرو براهمڻ کي گهرائي جنم جو لگن ڪڍايو. براهمڻ جنم جو لگن ڪڍي چيو ته هيءُ ٻالڪ ساکيات پار برهم پرماتما جو اوتار آهي جو جڳت جي تارڻ لاءِ،

ڏٺو تہ سندو درياهہ وهي رهيو آهي، منجهس انيڪ
پاڻيءَ ۾ وهندڙ جيوَ گهمي رهيا آهن ۽ هڪ مها پرش
سفيد ڏاڙهيءَ وارو ۽ اَڇن ڪپڙن سان درياهہ مان امرلال
ٻالڪ کي پاڻيءَ جي ڏات جل پياري رهيو آهي. ساري
سنگت ۽ ماتا ديوڪي اها عجيب ليلا ڏسي اٿين سمجهہ
۾ آئن تہ ٻالڪ چاهي ٿو تہ اَول جل جي جيون کي
درياهہ ۾ ڪجهہ ڪاڏو وجهو ۽ ڪٿهن مها پرش هٿان جل
گهرائي ڏاليون ڏنن، تنهن ڪانپوءِ هيءُ کير پيئندو. ساري
سنگت جي چوڻ موجب ماتا ديوڪيءَ منا لولا ۽ ڳوهيل
اَٽو درياهہ شاهہ ۾ پرواهہ ڪيو ۽ درياهہ شاهہ تان آنڊل
جل مان ٿي ڏاليون ٻالڪ کي پيارئون. تنهن کان پوءِ
لال صاحب ٻال روپ ۾ وات پٽي اُٽان ڪٽي
تڏهن ماتا ديوڪي ٻالڪ کي کير پيئارڻ لڳي، جو لال سائين
خوشيءَ سان پيئڻ لڳو. تنهڪري انهيءَ ڏينهن کان
وٺي درياهہ شاهہ جا پوڄاري ٻالڪ جي جمڻ سان
درياهہ شاهہ جي پوڄا لاءِ اَٽو ڳوهي وجهڻ، ڪلش
۽ ٻهراڻو ڪيندا آهن ٻهراڻي جو مطلب آهي ٻهر=سمنڊ
اَن. اَناج يعني سمنڊ اندر اناج. اهو ٻهراڻو ڪيڻ معني
جل اندر جيڪي جيو آهن، تن کي اناج پهچائڻ جو
وسيلو. اڄ ڏينهن تائين درياهہ شاهہ جا پوڄاري کهڙو
بہ شڀ ڪم جو مهورت ٻهراڻن ٻهراڻي ڪيڻ سان
ٿي ڪندا آهن.

پيئارڻ لڳي تڏهن لال صاحب وات ڪڍي بند ڪيو. ماتا گهڻو ئي زور لڳايو ليڪن ڪجهه پيئي ئي ڪو نه پيو. اهڙي حالت ڏسي ماتا دهوکي تمام اُداس ٿي رتنراءِ سان سموري حقيقت ڪئي. رتنراءِ هڪدم وڃي حڪيم ويد کي وٺي آيو، ليڪن ورلو ڪجهه به ڪو نه. تڏهن ڪانپوءِ ودوان پنڊت کي گهرايو، جنهن اچي جهار ڦوڪ ڪئي، ليڪن ڪجهه نتيجو نه نڪتو. نيٺ لاچار ٿيوس ٿي وينتي ڪرڻ لڳا.

— پنجڙو —

اچي مونسان ٿي ساٽي، اڏيرا لال رتاٽي

١- آهين ورڻ ديو اوتاري، پاڻي ٿي تنهنجي آهي سواري
هندو مسلم پوڄاري، پٽاڻن ڏئي سمجهاڻي

٢- جنم نصرپور ۾ اچي ڌاري، رتنراءِ کي ڇڏ ڪه تاري
دشت پاپي سڀ ماري، جڻئي چوٽيءَ جي پت جاٽي

٣- سهڻو تنهنجو آهي مندر، قبو تنهنجو آهي سندر
عجب آهي دل کي وڻندڙ، کهڙي ان جي مهمان ڳالهان

٤- پاڻي اڪو اچيو سوالي، موٽيو نه در تان ڪو خالي
ڪري دک دور وڃن خالي، ونيو ڏات ٿا پيئڻ پاڻي

٥- اُتم تنهنجي شرڻ ۾ آيو، پريم سان پڪڙ جنهن پالو
انهيءَ جا درد دک لاهيو، اچي لال ٿيو سهائي.

انتر ڀامي لال صاحب ساري سنگت کي اُداس ڏسي ماتا جي گود ۾ پنهنجو سندر مک کڻي کوليو، جنهن ۾ اچرج ليلا ڏسڻ ۾ آئي. ساري سنگت ٻالڪ جي مک ۾

شري اڏيري لال صاحب جي مهما ڳائڻ لڳا.

مرک شاه نصرپور ۾ هندن جي اولاد (لال صاحب جي پيدا ٿيڻ جو ٻڌي اندر ۾ ڏاڍو ڏنو ۽ دل ۾ چوڻ لڳو ته جيڪڏهن نصرپور ۾ هندن جو سچو ساٿي مددگار پيدا ٿيو آهي ته منهنجي لاءِ چڱو نه آهي، انهيڪري وري هندن کي اڳي وانگر گهرائي زوري مسلمان ڪيو وڃي. اهو ويچار ڪري يوسف وزير کي چئي هندن کي گهرائي ڌمڪائي چوڻ لڳو "اي هندو! هاڻ جلدي هندو ڌرم ڇڏي مسلمان مذهب قبول ڪريو نه ته توهان کي سخت سزا ڏني ويندي چو ته توهين وڏا بيوقوف ۽ بي مت ٿيا آهيو جو ته ڪنهن توهان سان ٺٺولي ڪئي آهي. توهانجي ڌرم جي رکيا ڪرڻ وارو دريا شاه مان پيدا ٿيو آهي. ڇا خدا به ڪڏهن جل ۾ جنم وٺندو آهي؟" ائين چئي ٺٺولي ڪري ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳو.

مرک شاه جي اها ڳالهه ٻڌي سڀئي هندو ملي اچي ٻڌيا ٿي چوڻ لڳا ته "اي باد شاه سلامت! ايشور ته سرو وياپڪ ۽ سرو شڪتيوان آهي. هن ڪيئن وڏا وڏا باد شاه ۽ امير مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيا آهن. اسانکي هاڻي شري اڏيري لال صاحب ۾ پورن وشواس آهي، جنهن ڪري اسين توهان کان ۽ دنيا ڀر جي باد شاهن کان به ڊڄڻ وارا نه آهيون. اسين سڀئي سر ڏيندا سون پر هندو ڌرم نه ڇڏيندا سون ۽ توهين به هٺ ڇڏي لال صاحب جي شرڻ وٺو چو ته انهيءَ ۾ توهانجي

اڏياءُ ٻيو

شري امر اڏيري لال جي ٻال ليلا

ماتا ديوڪي ۽ ٺڪر رتنراءِ ۽ نصرپور واسي هر روز لال صاحب جو درشن ڪري ان ٻالڪ جا چرتر ۽ ٻال ليلا ڏسي ڏاڍو خوش ٿيندا هئا. ڇا ان ٻالڪ امر لال جي سونهن سوڀيا! ڇا ان جو نوراني تجلو ۽ ڇا ٻالڪ جي مک جي مڌرواڻي! لال صاحب جن جي اهڙي ته سونهن سوڀيا هئي جو چنڊ سورج ۽ ٻجليءَ جو چمڪاٽ به اُن جي اڳيان ڦڪي پئي ٿيا. ماتا ديوڪي ۽ ڀڳت رتنراءِ لال صاحب جهڙو ٻالڪ ماڻي ڪري پاڻ کي ڀاڳوان سمجهڻ لڳا ۽ ٻالڪ کي لاڏ ڪوڏ سان نپائڻ لڳا. لال صاحب جي ٻال ليلا ڏسي ڏاڍو خوشيءَ ۾ گذارڻ لڳا.

لال صاحب جي اوتار وٺڻ ڪري ڇا ماڻهن، ڇا مرن ۾ به خوشي ڇانئجي وئي. موسم اهڙي ته سونهاري ٿي پئي جو جيو جنت به خوش ڏسڻ ۾ پئي آيا. جتي ڪٿي آنند منگل ٿيڻ لڳا. ان مند ۾ اناج اڳي کان اڳرو يعني تمام گهڻو ٿيڻ لڳو، جنهن ڪري هاري ناري به سک جي لهر پئي نظر آئي. سڀ هندو بادشاه جي ڏپ-کان بي ڊپا ٿي رهڻ لڳا ۽ هو ائين سمجهڻ لڳا ته هاڻ اسان جي ڌرم جي رکيا ڪرڻ وارو ۽ ڏک درد ٽارڻ وارو پيدا ٿيو آهي. هو اسانجو سچو سائي ۽ مددگار اسانجون ڪامنائون پوريون ڪرڻ لاءِ ڀڳوان نصرپور ۾ اوتار ورتو آهي، تنهنڪري هر وقت انهيءَ پوري پورن پرش

ڪري مون کان راڄ کسي ورتو آهي ۽ رعيت جي خلاف ٿي پيئي آهي ۽ ملڪ ۾ فساد جهيڙا مچي ويا آهن. اهڙيءَ طرح هن جي سڄي رات سپنن ۾ گذري. صبوح ٿيو ته سپني واري ڳالهه ياد ڪري، يوسف وزير کي گهرائي حڪم ڏنو ته "نصرپور ۾ جلد وڃي هندن جي گروهه (ان ٻالڪ کي) پڪڙي مون وٽ حاضر ڪر يا ته پڇي ڪنهن نموني سان ان کي زهر ڏئي ٻالڪ کي ماري ڇڏج يا پاڻيءَ ۾ لوڙهي اڇج."

پادشاهه جو حڪم ٻڌي وزير يوسف مرکه شاهه کان موڪلائي منزلون هڻندو، ڏينهن ڏيهان شام جو وڃي نصرپور پهتو، اچي پهچڻ شرط ماڻهن کان پڇڻ لڳو. جنهن کان پيو پڇي سو اهين پيو چوي ته ٺاڪر رتنراءِ جي گهر هڪ سٺو ٻالڪ ڄائو آهي، جنهن جون عجب ۾ وجهندڙ عجيب ليلائون آهن.

ماڻهن جي واتان اهي حيرت ڀريون ڳالهيون ٻڌي اچي وزير کي پڪ ٿي ته هندن جو سچو ساٿي مددگار پيدا ٿيو آهي. پوءِ بزار مان هڪ گلاب جو گل وٺي ان ۾ زهر وجهي، لڪائي پاڻ سان کڻي رتنراءِ جي گهر آيو. ٺاڪر رتنراءِ وزير کي ايندو ڏسي اٿي آدر ستڪار ڪيو. وزير رتنراءِ سان پريم سان گڏيو ۽ چوڻ لڳو ته مان توهان جي ٻالڪ کي ڏسڻ لاءِ آيو آهيان، سو مونکي پنهنجي ٻالڪ جو درشن ڪرايو. پوءِ رتنراءِ وزير کي اندر وٺي آيو ته شري لال صاحب ٻالڪ روپ ۾ مشڪيو.

پلائي آهي." هندن جو اهڙو وڪو جواب ٻڌي مرک شاهه غصي ۾ لهي لال ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو ته "اي هندئو! توهين مهنجو ايمان ڪري رهيا آهيو جنهن ڪري ٻڪ ٻڪ ٻند ڪريو مان توهان جي لال صاحب کي ڏسي وٺندس ۽ ان جي ٻرڪيا ٻه وٺندس جيڪڏهين توهان جو لال صاحب سچو هوندو ته ان سان مقابلو ڪري توهان کي زوريءَ مسلمان ٻڻائيندس. مان توهان کي سچ ٿو چوان ته جيڪڏهن توهين مسلمان ٿيندا ته سڌو جنت ۾ (سرڳ ۾) وڃي مزا ماڻيندا ۽ هت پڻ وڏا عهدا ماڻيندا." مرک شاهه کي هندن جي ڳالهائڻ مان هاڻي پڪ ٿي ته برابر لال صاحب هندن جي مدد لاءِ اوتار ورتي آهي. جنهنڪري من ۾ ڏاڍو ڏپ ٿيس ۽ چنتا ۾ چڪناچور ٿي ويو. ڏينهن سک سان گذريو ۽ جڏهن رات ٿي، کائي پي وڃي سمهيو ۽ سمهڻ سان ننڊ اچي ويس. هيڏانهن مرک شاهه بادشاهه جي دل جو حال جاڻي هن کي سپني ۾ ڀيانڪ روپ ڏيکاريو. بادشاهه سپني ۾ ڇا ڏسي ته مان درياهه تي سنان ڪرڻ ويو آهيان ته هڪ واگهه مونکي جنگهه ۾ چڪ وجهي کنيو ٿو وڃي. ڪڏهن ڏسي پيو ته مان ٻيڙيءَ تي گهمي رهيو آهيان ته ڪي ٻرش مهنجي ٻيڙي اونڌي ڪري سامان کنيو پيا وڃن ۽ پنهنجي بچاءَ لاءِ وڙهو ۽ مان هڪ لڪڙي تي چڙهي درياهه مان ٻاهر نڪري آيا آهيون. ڪڏهن ائين پيو ڏسي ته مونتي ٻيو بادشاهه فوج وٺي چڙهائي

ليلائون ڪندي جڏهن هوش ۾ آيو تڏهن لال صاحب جي چرنن ۾ ڪري ونتي ڪري چوڻ لڳو ”هي سائين مون اوهين نٿي سمجهو ته توهين خود خدا جا والي پيغمبر آهيو؛ مون مورک حاڪم جي چوڻ موجب جيڪو به، گناهه ڪيو آهي، انهيءَ لاءِ مونکي معاف ڪريو. توهين قدرت جا قادر آهيو. جهڙيءَ طرح مون ٻڌو هو تهڙيءَ طرح مون توهان کي ڏٺو، هاڻي ديا ڪري مون اڻڄاڻ جا گناهه معاف ڪريو.“ ائين چئي لال صاحب جي استتي ڪرڻ لڳو.

— پنجڙو —

لال اڏيرا انترجامي - پينگهي ۾ پيو جهولي لال

١- منڊيون ڳالهيون لڳن پياريون - ٻالڪ پيو ٻولي لال

ٻڌ ندڙ پيڙي پار ڪيائين - مهر ڪرينو جهنڊي لال

٢- نيلو گهوڙو سنجيل سهڻو - تنهنتي ڪرين تون سواري لال

سونو ڇهوڪ سهڻا نغارا - هٿ ۾ تنهنجي آهي لال

٣- سوني رکيئين ۾ پير سونهارو - چمڪن ٿا چوڌاري لال

داسون داس سدا چاهي - ڏي درشن اچي پنهنجو لال.

لال صاحب جي درشن ڪرڻ سان وزير جو هردو پوتر ٿي پيو جنهن ڪري نمرتا ڀاو ۽ پريم سان سر نوائي ونتي ڪري چوڻ لڳو ته ”هي سائين! توهين سچ پچ والي پير بزرگ آهيو. توهين ڪرپا ڪري ٺٽي ۾ هلي بادشاهه کي درشن ڏيئي، سندس اکين تان اونده جا پردا هٽايو، ته ته هو سنڌ جي سڀني هندن کي مسلمان

وزير ٻالڪ جي ويجهو اچي جڏهن گلاب جو گل وڌائي
لال صاحب جي نڪ وٽ آندو ته اتري ۾ لال صاحب
هڪ اهڙي ڦوڪ ڏني جو اهو زهر وارو گلاب جو گل
وزير جي هٿن مان هڪدم غائب ٿي ويو. وزير اهو
حال ڏسي لال صاحب جي چرنن تي بي هوش ٿي
ڪري پيو. لال صاحب وزير کي پنهنجي اڳيان ڪندو
ڏسي ان کي انهيءَ مورڇا حالت ۾ پنهنجون عجيب
ليلائون ڏيکارڻ لڳو. وزير ڇا پيو ڏسي ته لال صاحب
سورهن ورهين جو ٻالڪ جنهن جي شڪل سهڻي من
موهڻي آهي. جو پينگهي ۾ پيو لڏي. ٿوري دير ۾ وري
ڇا ڏسي ته نه ڪو آهي ٻالڪ ۽ نڪو آهي جوان. ڇا
ڏسي ته سامهون هندوري ۾ هڪ مهاپرش سفيد ڏاڙهيءَ
وارو، جنهن جي مٿي تي راجائي ڇٽ رکيل آهي، سو هڪ
سوني سنگهاسن تي ويٺو آهي. وري اوڏي مهل ڇا ڏسي
ته جهڙو نڍڙو ٻالڪ هو تهڙو ٿي پينگهي ۾ سمهل
اوٺان اوٺان پيو ڪري. وري ڇا ڏسي ته لال صاحب
اچي نيلي گهوڙي تي چڙهيو ويٺو آهي ۽ بادشاهه
وزيرن ۽ اميرن سميت ان جي اڳيان پيادائون رکي سر
جهڪائي هٿ ٻڌي بيٺو آهي. وري ڇا ڏسي ته
لال صاحب جي هڪ پاسي کان برهمڻ ۽ ٻئي پاسي کان
جل جا جيو ماڻهن جو روپ ڌاري بيٺا آهن ۽ لال صاحب
جي مٿان ديو ديوتائون گل جون ورکائون ڪري رهيا
آهن. وزير لال صاحب جون اهڙيون اچرج ڀريون

ڳالهيون ڪري رهيو آهين. تون اهو راڄ حڪومت سان دوهه ڪرڻ جو گناهه ڪري رهيو آهين. تنهنڪري منهنجو توکي پادشاهي حڪم آهي ته ڏهن ڏينهن جي اندر انهيءَ ٻالڪ کي (هندن جي گروهه کي) جيئرو يا مئل ڪٺي اچي ڪچهريءَ ۾ حاضر ڪر نه ته توکي ڦاسيءَ تي لٽڪايو ويندو." مرک شاهه وزير کي حڪم نامو ڏيئي پنهنجي محلات ڏي هليو ويو.

پادشاهه جو اهڙو سخت حڪم ٻڌي من ئي من ۾ پور پچائيندو وزير پنهنجي گهر آيو انهيءَ ڳڻتيءَ ۾ روٽي به ڪانه کاڌائين. وڃي پلنگ تي سمهي پيو. سڄي رات ڳڻتين ۾ گذري وئي، صبوح ٿيو دستور موجب اُٿيو، ليڪن سندس زال هن کي غمگين ڏسي پڇڻ لڳي "هي ناٿ! اڄ توهان جي چهري تي اُداسي ڇانيل آهي. ڪهڙو سبب آهي؟" تڏهن وزير چوڻ لڳو ته "پياري! پادشاهه مونکي هندن جي گروهه ٻالڪ کي جيئرو يا مئل گرفتار ڪري آڻڻ جو حڪم ڏنو آهي. جيڪڏهن انکي حاضر نه ڪندس ته ڦاسيءَ تي لٽڪائيندو." مڙس جي اها ڳالهه ٻڌي زال چوڻ لڳي ته "هي ناٿ! بس هن معمولي ڳالهه لاءِ اوهين گهٻرائجي ويا آهيو، توهين ڪا به چنتا نه ڪريو، ڇو ته هن پرٿويءَ تي جيڪي به پير پيغمبر، اوتار يا اولياءَ ٿي ايندا آهن سي ڪڏهن به ذات پات جو ڀيد ڀاو نه رکندا آهن، هو فقط پنهنجي ڀڳتن لاءِ ڌرم جي رکيا ڪرڻ لاءِ دشٽ پاپين کي ناس ڪرڻ لاءِ

ڪرڻ ٿو چاهي. توهين جنهن جي ڪري اولاد ڌاري آيا آهيو، اهو ڪم هاڻي پورو ڪريو."

وزير جي اها نماڻي وينتي ٻڌي لال صاحب چوڻ لڳو ته "هي وزير! منهنجي ته آشا پوري ڪندس ۽ مان جلد ٺٽي ۾ اچي بادشاهه سان ملندس." ائين چئي لال صاحب وزير کي روانو ڪيو.

لال صاحب جو مرکه شاهه وٽ وڃڻ

وزير يوسف لال صاحب کان موڪلائي ٺٽي ۾ آيو ۽ لال صاحب جي سموري حقيقت مرکه شاهه کي ڪري ٻڌائي جا ٻڌي بادشاهه عجب ۾ پئجي ويو. ٻئي ڏينهن بادشاهه سيني وزيرن، اميرن، قاضين ۽ مولوين کي گهرائي ڪچهري لڳائي. جنهن ۾ وزير يوسف سموري حقيقت سيني جي روبرو پيش ڪئي ۽ چوڻ لڳو ته "منهنجو رايو اهوئي آهي ته هن وقت هندن سان ظلم يا ٻيائي (نه ايڪائي) وارو ورتاءُ اسان جي حڪومت جي برباد ڪندو." ڪن وزيرن بادشاهه کي صلاح ڏني ته يوسف تي هن بالڪ جو از غيبي ڪرامت جو اثر پيو آهي جنهن ڪري وزير کي ڪمزوري جو پورت سوار ٿيو آهي منهنجي راءِ ته اوهين ڪيس موڪليو ته ان بالڪ کي جنجيرن ۽ ٻڌل هٿين ڪٺي اچي حاضر ڪري. مرکه شاهه ٻين وزيرن جي ٻڌي ڪري يوسف وزير کي چيو ته "مان سمجهان ٿو ته توکي هندن جي گروءَ جون ڪرامتون ڏسي ٻڌي ويو آهين ۽ ٻياءَ جون

٤- عيب نہ مون ۾ آهن گھڻيئي   بخش بخشڻهار
معاف ڪر تون اچي مڙيئي   جهولڻ وارا

٥- لال "اَمر" تنهنجي شرڻ آيو   مهرجو تنهنجي هٿڙو گھمايو
سونهي ڪلنگيءَ وارا   جهولڻ وارا.

لال سائينءَ کي وينتي ڪري چوڻ لڳو تہ "هي شاهن جا شاهہ! هي هيڻن جا همراهہ! هاڻ هن اوکيءَ ويل ۾ مون سان اچي سهائي ٿيو. مان توهان کي پنهنجو والي پيغمبر ڪري ڄاڻان ٿو مون کي بادشاهہ ڏهن ڏينهن جي مهلت ڏني آهي. توهين حاضر ناضر ۽ ڄاڻي ڄاڻڻ هار آهيو، هي اديہن جا آڌار مون سان اچي مددگار ٿيو. هي سائين! توهان مونکي نصيبور ۾ جيئن چيو هو تيئن هاڻي هت اچي پنهنجو درشن ڏيو ۽ بادشاهہ کي درشن ڏئي هن جو ڪلياڻ ڪريو.

اڌياءُ ٽيون

وزير جي وينتي ٻڌي لال صاحب ٿوريئي دير ۾ هڪ سهڻي نوجوان جي روپ ۾ نيري گھوڙي تي چڙهيل، ان سان گڏ انيڪ ماڻهو هاٿين ۽ گھوڙن تي سوار ٿيل، لشڪر سميت درياهہ شاهہ مان نڪري، ٻاهر آيو. ايڏو وڏو لشڪر ڏسي، وزير گھٻرائجي ويو ۽ ڏڪڻ لڳو ۽ دل جھلي لال صاحب کي وينتي ڪري چوڻ لڳو تہ سائين! منهنجي بادشاهہ کي توهان سان جنگ ڪرڻي ڪانہ آهي تنهنڪري ايڏي وڏي لشڪر کي ساڻ وٺي هلڻ جي ڪھڙي ضرورت آهي. تڏهن لال صاحب

اوتار وٺي ايندا آهن. انهن وقت کهڙي به مذهب جو ڪو به ماڻهو هن جي شرڻ ۾ وڃي سوال ڪندو آهي ته هو هڪدم ان جي ڪامنا پوري ڪندا آهن. هن جي اڳيان هندو، مسلمان، سک، عيسائي سڀئي هڪ سمان آهن. تنهن ڪري توهين به هندن وانگر وڃي درياه شاه جي ڪپ تي وهي سچيءَ دل سان لال سائينءَ جي اُستتي ڪريو جنهن جو توهين چئن روزن ۾ درشن ڪري آيا آهيو اهو سچي دل سان صاحب راضي ٿي، سڀني جو ڪلياڻ ڪندا آهن ۽ اچي سهائتا ڪندا آهن.

وزير کي زال جي صلاح ڏاڍي پسند آئي ۽ خوش ٿي هڪدم اُٿي درياه شاه تي اچي نصرپور ڏانهن منهن ڪري، من ۾ اُنهيءَ ڪمل درشن جا روپ ڌارڻ ڪري نماڻائيءَ سان هٿ ٻڌي اُستتي ڪرڻ لڳو.

— پنجڙو —

لال اڏيرا جوتين وارا   دولهه سائين موجن وارا
ڪرڻ ڪم سڀ جا نيارا   جوتين وارا

١– سڪمان وٺي توکي سارڻان   نيڻ ڪنيو مان توڏي نهارڻان
ڏي درشن اچي پيارا   جوتين وارا

٢– ٻيڙ ٻڏي ٻچڙن تي ڀاري   ٻچڙن جو آهين هنڪاري
دشمن دئيتن کي مارڻ وارا   جوتين وارا

٣– تو بن ناهي ٻيو ڪو وسيلو   لال تنهنجو آچي ٿي واهر وسيلو
ٻاجهه ڪرڻ ٻاجهارا   جوتين وارا

لال صاحب جون اهڙيون ڳالهيون ٻڌي وزير هٿ جوڙي نماڻائيءَ سان لال صاحب کي چوڻ لڳو ته "هي سائين! جيڪڏهن مونتي ڪرپا ڪري درشن ڏنو آهي تنهن مرک شاهه تي ڪرپا ڪري انکي پنهنجو جاڻي اکيلا هلي ان جو اگيان دور ڪريو. مرک شاهه به اوهانجي شرن آيو آهي جنهنڪري شرن آئي جي هلي لڄ رکو."

وزير جي آزي نيزاري ٻڌي لال صاحب کي ديا آئي ۽ يوسف وزير سان گڏجي ٺٽي نگر ۾ آيو. هيڏانهن ٺٽي جي نگرواسين هندن کي خبر پيئي ته لال صاحب هٿ آيو آهي سي ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ لال صاحب جي درشن ڪرڻ لاءِ نگر جا نر ناريون گلن جا هار ڪٺي لال صاحب کي گلي ۾ پائڻ لڳا ۽ کي لال صاحب جي مٿان گلن جي ورکا ڪرڻ لڳا. سڀيئي لال صاحب جو درشن ڪري لال صاحب جي جئه جئه مڃائڻ لڳا کي ڦل ڦول پيٽا رکي مٿو نمڪڻ لڳا ۽ خوشيءَ جا گيت ڳائڻ لڳا.

— پنجڙو —

اڄ ته منهنجو لال آيو   لال آيو شال آيو
آءِ نچندي وتان   اڄ ته منهنجو لال آيو
اي رتناڻي ٻال آيو   پرگڻن جو رکپال آيو
دشمن جو ڪال آيو   اڄ ته منهنجو لال آيو —
آءِ نچندي وتان........

فرمايو ته ”چڱو جيڪا توهانجي مرضي“ انهيءَ ڇڻ ئي لشڪر کي موٽي وڃڻ جو حڪم ڏنائين، حڪم مڃڻ شرط سمورو لشڪر درياهه ۾ سمائجي ويو.

يوسف وزير لال صاحب جو ساکيات درشن ڪري هٿ جوڙي اُستتي ۽ وياکيان ڪرڻ لڳو. جڏهن لال صاحب ان جي ويجهو آيو تڏهن وزير لال صاحب جو تيج ڏسي ٿر ٿر ڪنبڻ لڳو ۽ مورڇا ٿي ڪري پيو. تڏهن لال صاحب هن تي ديا ڪري مهر جو هٿ گهمايو. وزير سجاڳ ٿي پيو ۽ لال صاحب جا گڻ ڳائڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو ته ”سائين! تون ئي پيرن جو پير، پيغمبر ۽ ولي آهين. تون ئي جليت ڀڳوان ۽ جندهه پير آهين. تون ئي ڀڳت وتسل، دکن کي دور ڪرڻ وارو ورڻ ديو آهين. مان توهانجي شرن آيو آهيان. شرن آئي جي لاج رکو.“

شري لال صاحب چوڻ لڳو ته ”هي وزير لوڪ مونکي اُڏيرو لال ڪري سڏيندا آهن. مان سڀني ندين جو راجا آهيان منهنجو نالو جليت آهي، ڪي ماڻهو مونکي جندهه پير جي نالي سان پڪاريندا آهن. جيڪو جهڙي ڀاونا رکي منهنجو ڌيان سان سمرن ڪندو آهي. انهن کي اهڙو ئي ڦل ملندو آهي مان امر لال ٿي ڪري سڀني پراڻين جا ڪم ڪريان ٿو ۽ انهن جون منو ڪامنائون پوريون ڪريان ٿو. تون مونکي هر هنڌ سرو وياپڪ ۽ حاضر ناظر ڄاڻ اهڙي شيءِ يا جاءِ خالي نه آهي جنهن ۾ مان نه آهيان. مان ئي هڪڙو سڀ ۾ سمائجي رهيو آهيان.“

هندن جي گروهه کي ساڻ وٺيو پهتو اچي ۽ هندو سيٺيَءَ هن جي، جنهن ڪار مدائيندا اچي رهيا آهن. لال صاحب کي ايندو ڏسي بادشاهه دل ۾ ڊنو پر پوءِ دل جهلي ڊوڙندو وڃي لال صاحبن جي پيرن تي ڪريو ۽ ڪيل ڏوهن جي معافي گهرڻ لڳو. پوءِ لال صاحب کي آدر ڀاو سان پنهنجي محلات ۾ اندر وٺي ويو ۽ آڻي پنهنجي گديءَ تي ويهاريو. پوءِ يوسف وزير لال صاحب جي ڪرامتن بابت سمورو حال بادشاهه کي ڪري ٻڌايو جو بادشاهه ٻڌي وائڙو ٿي ويو. اهي عام سڀا ۾ جيڪي قاضي ۽ مولوي ويٺا هئا سي بادشاهه کي لال صاحب اڳيان سر نمائيندو ڏسي حسد وچان جلڻ لڳا، پر ڏپ کان ڪجهه چئي نه ٿي سگهيا. پوءِ بادشاهه لال صاحب کان پڇڻ لڳو ته "سائين! توهان جو نالو ڇا آهي؟" تنهن لال صاحب مشڪي چيو ته "منهنجو نالو شري اڏيرو لال آهي. مونکي جلپت يا جندهه پير به ڪري سڏين ٿا." پوءِ مرکه شاهه لال صاحب کي هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته، "هي سائين! جيڪي به هن پرٿويءَ تي اوتار ٿي ويا آهن، سي سدائين ذات پات جو ڀيد ڀاو نه رکي سڀني کي هڪ سمان سمجهي لوڪن جو ڪلياڻ ڪندا پئي ويا آهن." مرکه شاهه چوڻ لڳو ته "سائين! ڀلا سڀني مذهبن مان سٺو مذهب ڪهڙو آهي؟"

تنهن لال صاحب چيو ته "جنهن ڌرم ۾ جيو جو جتن ٿيو آهي ان انسان لاءِ اهو ڌرم سٺو آهي."

٢- هيڻن جو همراهه آهيو — سهڻو سانول شاهه آهيو

ٻالا ٻي پرواهه آهيو — اڄ ته منهنجو لال آهيو -

آءُ نچندي وتان ....

٣- مان نورا پائي نيڻن جا — لال اڳيان نچان

ڪڙ تال کڻي هٿ ۾ — رنگ انهيءَ ۾ رچان -

اڄ ته منهنجو لال آهيو -

٤- ڪير ڪٽورو هٿ ۾ — کڻي پيار پيندي وتان

نيڻ کڻي سڪ مان — آءُ نهاريندي وتان

اڄ ته منهنجو لال آهيو ....

٥- مصريون ڦوٽا هٿ ۾ — آءُ ورهائيندي وتان

پائي پاند ڳچيءَ ۾ — مان ٻيران پوندي وتان-

اڄ ته منهنجو لال آهيو ....

٦- جر ٻين وارو لال آهيو — ٻهراڻي وارو ٻال آهيو

”اُتم“ جهولي لال آهيو — اڄ ته منهنجو لال آهيو -

آءُ نچندي وتان ....

سڄو نتو نگر لال صاحب جي جئه جئه ڪار سان گونجڻ لڳو، ننڍو وڏو ٻار ٻچو لال صاحب کي ڀيري ٻورڻ لڳو. لال صاحب ڪين آشيرواد ڏيندو اڳتي وڌندو هليو. ان وقت لال صاحب جي اچڻ وقت جيڪو آنند هندن کي آيو تنهن جو بيان ڪري نٿو سگهجي.

هيڏانهن مرکه شاهه بادشاهه جئه جئه ڪار جو آواز پنهنجي محلات ۾ ٻڌي ڏاڍو عجب ۾ پئجي ويو ۽ هڪدم اُٿي ڏسڻ لڳو. ڇا ڏسي ته ٻرهان يوسف وزير

آهي. سڀ هندو مسلمان هڪ سمان آهن، مسلمان انکي خدا چون ٿا، هندو انکي ايشور چون ٿا. هن جڳت ۾ ماڻهو جيڪو پسون پکي آهن، سي سڀ ڀڳوان جا پيدا ڪيل آهن. هرڪو پنهنجي پنهنجي ذات موجب اهڙيءَ طرح هلي ٿو. هن سنسار ۾ ايڪ ڌرم آهن سي سڀ ان ايشور جي حڪم سان ٿيا آهن. ڏاڍي سڀني جو هڪ ئي آهي. تون جو زوريءَ ظلم ڪري پنهنجو دين اسلام وڌائي رهيو آهين ۽ ڪو به ايشور جو ڏپ ڀاءُ نٿو ڪرين، تون قانون جي خلاف ۽ اسلام جي برخلاف هندن تي زور ۽ ظلم ڪري هنن کي مسلمان ٿو ڪرين، سو وڏو گناهه ڪري رهيو آهين، جو ڏاڍي به توکي معاف نه ڪندو ۽ دوزخ ۾ وجهندو. جيڪڏهن پنهنجو ڀلو ڪرڻ ٿو چاهين ته سڀني ڌرمن جي ماڻهن کي پنهنجي پنهنجي ڌرم تي قائم رهڻ ڏي، جهڙيءَ طرح توکي پنهنجو مسلمان ڌرم پيارو آهي تهڙيءَ طرح هندن کي به پنهنجو ڌرم پيارو آهي، تنهنڪري تون ڪنهن سان به زور، ظلم ۽ زبردستي نه ڪر ۽ هميشه سچي صاحب جو ڏپ رکندو ڪر."

پوءِ بادشاهه يوسف وزير کان پڇيو ته "هي وزير! هاڻ تنهنجي ڪهڙي مرضي آهي. صلاح ڏي ڇا ڪرڻ گهرجي. اهڙي ڏجو نر ڪر جنهن ۾ اسان جو ڀلو ٿئي."
تڏهن يوسف وزير جو دشت سياءُ هٽڻ ڪري لال صاحب جي ڪرامتن جو هن تي ڪو به اثر نه پيو، جيئن وڇونءَ

مرڪ شاهه چوڻ لڳو ته "سائين! شروعاتي ڌرم ڪهڙو هو؟" لال صاحب چيو ته "پهرائين هندو ڌرم هو." وري بادشاهه چوڻ لڳو ته "پوءِ هاڻي هندو ڌرم ڇو ناس ٿي رهيو آهي ۽ ٻيا ڌرم وڌي رهيا آهن؟" تڏهن لال صاحب چوڻ لڳو ته "هندو ڌرم ڪڏهن به ناس ٿيڻ جو ڪونهي. ڇو ته اهو ڌرم تمام پراڻي زماني کان وٺي هلندو آيو آهي، ڪن وقتن تي ڪي ڌرماتما پرش پنهنجي ڌرم جي پوري پابنديءَ تي عمل نه ڪري رهيا آهن، تنهن ڪري اهڙن اڌرمي شخصن جي ڪري سڪن پٺيان آلا به ٻرو ٿا وڃن ۽ انهن کي ڏکـ ڏولاوا ڏسڻا پيا آهن." وري مرڪ شاهه چوڻ لڳو ته "ڪيترا هندو جو مسلماني دين ۾ اچي ڪلمي پائي ٿيا آهن ان جو سبب ڪهڙو؟" لال صاحب چوڻ لڳو ته "انهيءَ جو سبب اهو آهي جو وقت مطابق حاڪمن جو زور، ظلم، دٻاءُ ۽ قاسيءَ جي ڊپ کان، ڪن ڪي زر زمين زال يا عهدن جي لوڀ لالچ جي ڪري مسلمان ٿيا آهن. اصل حقيقت جيڪڏهن من ته مسلمان ٿيو پوءِ ڪلمو پڙهو ته ڇا ٿيو؟" وري بادشاهه چوڻ لڳو ته "سيئي هندو هڪ ديوتا ۾ وشواس نٿا رکن ۽ ڌار ڌار ديوتائن کي مڃين ٿا ۽ ان جي پوڄا ڪن ٿا تنهنڪري چڱو ائين آهي ته سيئي هندو مسلمان ٿي پون." تڏهن لال صاحب چوڻ لڳو ته "اي بادشاهه! هيءَ سڄي سرشٽي هڪ الک پورن پرک پاربرهم يا الله اڪبر پيدا ڪئي

لال صاحب کي پڪڙڻ لاءِ آيا ان وقت لال صاحب جي مک مان هڪ ٻهنڪر آواز نڪتو. اهڙو ٻهانڪ آواز ٻڌي سڄو لشڪر ڏپ کان ڏڄي ٻيهي رهيو پر پوءِ همت ٻڌي سيدي سپاهين لال صاحب کي پڪڙڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر لال صاحب کي ڪوبه پڪڙي ڪونه سگهيو لال صاحب پنهنجي مايا پکيڙي گهڙيءَ گهڙيءَ سپاهين کي پاڻ ڏيکاري وري گم ٿيو وڃي. اهڙيءَ طرح سپاهين کي ڊوڙائي ڊوڙائي اهڙو ته هلاڪ ڪري ڇڏيائين جو سڀ دنگ رهجي ويا پر ڪوبه لال صاحب کي پڪڙي نه سگهيو. ٿوري دير کان پوءِ لال صاحب سپاهين کي پريان پنهنجو پاڻ ڏيکاريو، جيڪي جوڌا لشڪر ۾ هوا سي لال صاحب کي ڏسي پڪڙڻ لاءِ ڊوڙيا ۽ ويجهو اچي ڇا ڏسن ته لال صاحب آهي ئي ڪونه. ڏاڍا پشيمان ٿي ويهي رهيا ۽ دل ۾ ويچار ڪرڻ لڳا ته اسان هيءُ ڇا ڪيو؟ وري ٿوري دير کان پوءِ لال صاحب ان هنڌ اچي پرگهٽ ٿيو. هن ڀيري جل جو سروپ ڌاري پرگهٽ ٿيو. چوڌاري جلمئي ڪري ڇڏيائين ائي لال صاحب کي پڪڙڻ لاءِ سپاهي سيئي پاڻيءَ ۾ غوطا کائڻ لڳا سي ڏاڍي مشڪلات سان غوطا کائيندا ٻڏندا ترندا پاڻيءَ مان ٻاهر نڪتا. نڪ ۽ ڪن ۾ پاڻي پوڻ ڪري سڀ سپاهي ڏاڍو حيران ٿيا ۽ ڪپڙا آلا ٿي پوڻ ڪري ٿر ٿر ڏڪڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا ته "هاڻي الائي اڃا ڪهڙي مصيبت ايندي،" مرک شاهه ۽ يوسف

جو ڪم آهي ڏنگ هڻڻ ليئن دشت سپاءُ جو ڪم آهي ٻئي کي نقصان پهچائڻ .

مرکه شاهه جي اها ڳالهه ٻڌي ٻاد شاهه کي ٻاسيرو وٺي ويٺي وزير چيو ته " پنهنجي مسلماني شرح کي سرخرو ڪرڻ لاءِ پنهنجي مذهب موجب هلڻ گهرجي. هي ٻادشاهه؟ هن وقت تمام سٺو موقعو آهي جو لال صاحب کي پڪڙي قيد ۾ ٻند رکجي ۽ هن کي پنهنجي شريعت موجب حڪم ٻڌائڻ گهرجي." تڏهن مرکه شاهه يوسف وزير کي چيو ته هن کي ڪهڙيءَ طرح پڪڙيون، هو اسين هٿ ڪونه ايندو ، تنهنڪري وڏو لشڪر گڏ ڪري هن کي گرفتار ڪجي .

انترجامي لال صاحب مرکه شاهه ۽ يوسف وزير جي دل جون سڀ ڳالهيون ڄاڻي پنهنجي دل ۾ ويچار ڪيو ته ٻادشاهه ۽ وزير کي هڪوار پتڪائجي ۽ پوءِ هنن کي ڪرامت ڪري ڏيکارجي. لال صاحب اهو ويچار ڪري مرکه شاهه کي چيو ته "اي ٻادشاهه! تنهنجو عقل ٻارجي ويو آهي. تون جو مونکي قيد ڪرائڻ ٿو چاهين، سو ڪنهن کي به طاقت نه آهي جو مونکي هٿ لائي سگهي. مان وري به توکي چتاءان ٿو ته ظلم ۽ دوکي ٻازي ڪرڻ ڇڏي ڏي نه ته ڏاڍو دکي ٿيندين ."

ٻادشاهه ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري هڪدم لشڪر گڏ ڪري لال صاحب کي پڪڙڻ لاءِ گهرايو جنهن وقت

جي پرارٿنا ٻڌي دَيا آڻي پنهنجو جوتي سروپ پرگهٽ
ڪيو جنهن جي ڪري اونده، انڌوڪار سڀ گم ٿي
ويو پوءِ سپاهين کي ڪجهه پيٽ ۾ ساهه پيو ۽ شانت ڪري
لال جا شڪرانا مڃڻ لڳا، هنن کان لال صاحب کي
پڪڙڻ جو ويچار دل تان لهجي ويو ان وقت لال صاحب
پنهنجو جوتي سروپ جو پرڪاش ظاهر ڪيو. اهو
لقاءُ ڏسي سڀ سپاهي لال صاحب جو ساکيات درشن
ڪري ڏاڍو خوش ٿيا ۽ لال صاحب جي واکاڻ ڪندو
سمورو لشڪر موٽي بادشاهه وٽ آيو ۽ اچي سمورو
حال ڪري ٻڌايو. چوڻ لڳا ”بادشاهه سلامت! جيڪڏهن
توهانکي وشواس نٿو اچي ته هلي رو برو ڏسو.“

پوءِ بادشاهه ۽ وزير ٻئي سپاهين سان گڏجي اتي
آيا. ڇا اچي ڏسن ته سامهون عجيب پرڪاش واري جوت
آهي. وري ڌيان کان پوءِ ڇا ڏٺائون ته سامهون جبل جون
تمام وڏيون چوٽيون لڳيون پيون آهن، ويجهو وڃي
ڏسن ته ڪجهه به نه ڏسڻ ۾ آئن. ڪڏهن ڏسن ته تمام
وڏي قد وارو ماڻهو آهي. وري ڏسن ته سامهون لال
صاحب بيٺو آهي. ويجهو وڃي ڏسن ته غائب ٿيو وڃي.
مطلب ته لال صاحب کي پڪڙڻ جي تمام گهڻي ڪوشش
ڪيائون پر لال صاحب هنن کي هٿ نه آيو. تڏهن بادشاهه
سڀني کي اعلان ڪيو ته ڪوئي به ماڻهو لال صاحب
کي پڪڙي وٺي ايندو ته ان کي من گهريو انعام ڏنو
ويندو. ائين هوندي به لال صاحب ڪنهن کي هٿ

وزير اهو حال ڏسي ڊپ وچان اُٿي ڀڳا ۽ لشڪر
کي حڪم ڏنائين ويا ته لال صاحب کي جلد پڪڙي
ٻڌي ۾ رکو. سپاهي ڀاڙيءَ مان جهٽ ليٽين ٻاهر نڪري
ڪپ تي ٻيهي ڇا ڏسن ته چوڌاري جلمٿي دريا، ئي
دريا، لڳو پيو آهي. اهو حال ڏسي لشڪر جا سپاهي
پڻ تي موتي هارڻ لڳا ته رستي ۾ ڇا ڏسن ته لال صاحب
هڪ وڏي عاليشان هندن جي مندر ۾ سنگهاسن تي
براجمان آهي ۽ پاسن کان سڀ هندو ويٺا آهن. سپاهي
اچي لال صاحب کي ڏسي بادشاهه جي حڪم موجب
لال صاحب کي پڪڙڻ لاءِ ڊوڙيا"

انترجامي لال صاحب هنن جي دل جو حال ڄاڻي
جل جو سروپ بدلائي، هوا جو روپ ڌاريو. انهن ڪرڻ
سان زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏيو. هڪدم زبردست
طوفان لڳڻ شروع ٿي ويو ۽ چئني طرفن کان اونده،
انڌوڪار ڇانئجي ويو. رتي اُڏامڻ لڳي. جا زور سان
ڌوڪيندي سپاهين جي اکين ۾ پوڻ لڳي. سپاهي ڏايو
ڏکي ٿيڻ لڳا. ڪوبه سپاهي هڪ ٻئي کي نه پئي ڏسي
سگهيو. اهو حال ڏسي مسلم سپاهي بادشاهه کي گهڻ
وڌ ڳالهائڻ لڳا. ڏايو حيران پريشان ٿي منهن مٿو پٽڻ
لڳا ۽ انهن سمجهڻ لڳا ته هندن جي گروءَ کي رنجائڻ
ڪري هيءَ مصيبت مٿان آئي آهي. ڪيتري سپاهين
گڏجي لال صاحب جي استتي ڪرڻ لڳا.

لال صاحب مسلم سپاهين کي وياڪل ڏسي ۽ هنن

آءُ نماڻو عيبن هاڻو - لال تنهنجي در تي وڪاڻو
تنهنجو عرض اگهائو لال
جهولي جهولي جهولي جهولي لال.

"هي ورڻ ديو! هي جلپتي ڀڳوان! هاڻي اسان جو اوکيءَ ۾ اچي مددگار ٿيءُ - توکان سواءِ اسانجو ڪوئي ٻه واهر وسيلو نه آهي. تون ئي اسانجو واهر وسيلو آهين. تون ئي اسان جو مددگار آهين. اسان کي دشمن مرک شاهه کان بچاءِ، هو دشمن ظالم اسان کي زوريءَ مسلمان ڪرڻ ٿو چاهي. تون ئي دشمن کي ناس ڪرڻ لاءِ اوتار وٺي آيو آهين. هاڻ اچي اسان جي ڌرم جي رکيا ڪر."

هندن جي پريم ڀري پڪار ٻڌي، لال صاحب پرگهٽ ٿي چوڻ لڳو "اي هندئو! توهين دلجاءِ ڪريو. بادشاهه توهان جو هڪ وار به ونگو نٿو ڪري سگهي، مان هاڻ مرک شاهه ۽ ترڪن کي انهيءَ ظلم جو سخت ڏنڊ ڏيندس، جو توهين پڻ اکين سان ڏسندا." ائين چئي لال صاحب اگني ديو کي گهرائي حڪم ڏنو ته "ترڪ ذات کي هڪدم ساڙي ڀسم ڪر ۽ پون ديوتا کي حڪم ڏنو ته ساڳئي وقت تون اهڙو طوفان مچائج جو سڀ ترڪ حيران پريشان ٿين." لال صاحب جي حڪم مڃڻ شرط اگني ديو ترڪن جي چوڌاري باهه ٻڪيڙي ڇڏي ۽ پون ديوتا اهڙو طوفان کڙو ڪيو جو زمين آسمان هڪ ٿي ويو. انوقت اهڙو ته اوندهه انڌوڪار ڇانئجي ويو جو هڪ ٻئي کي ڏسي به نه پيا سگهن. ان وقت باهه به اهڙو زور ورتو

ڪونه آيو. تڏهن بادشاهه سڀني هندن کي گهرائي ڏڙڪا ڏيئي چيو ته "اي هندئو! توهانجو گرو قيد جي ڏمپ کان ڊڄي ڀڄي ويو. هاڻي توهين جلدي مسلماني مذهب قبول ڪريو نه ته توهانکي زوريءَ مسلمان ڪيو ويندو." تڏهن هندو چوڻ لڳا ته "هي بادشاهه! اسان جو گرو انترجامي ۽ سرو وياپڪ آهي هو هر وقت اسان جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهي."

تنهنتي بادشاهه چوڻ لڳو ته "هندئو! جيڪڏهن توهان جو گرو حاضر ناضر آهي ته پنهنجي گروءَ کي جلدي گهرايو نه ته مان توهان سڀني کي زوريءَ مسلمان بڻائيندس."

مرکه شاهه جون اهي ڌمڪيون ٻڌي سڀئي هندو لال صاحب کي وينتي ڪري پڪارڻ لڳا.

— پنجڙو —

جهولي جهولي جهولي جهولي لال

بيڙگهن ۾ پيو جهولي لال - مندرن ۾ پيو مشڪي لال

١- سانول شاهه تنهنجي آس پڄائيندو

دولهه سائين تنهنجا ڪم ٺاهيندو

دکه ڪٽي اچي سکه پسائيندو - اهڙو آهي شاهن شاهه

جهولي جهولي جهولي جهولي لال

٢- پرلم سان اچي پيرا گهمائيندو -

اهڙو آهي سانول شاهه

هاڻي شرڻ پئون، هو شرڻ آئي جي لڄ رکندو آهي." مرک شاه مسلمانن جي صلاح مڃي ٻيو ٻچاءُ جو وسيلو نه ڏسي، ترڪن سان گڏجي، درياه جي ڪپ تي آيا ۽ اچي لال صاحب جي اُستتي ڪرڻ لڳا ۽ آزي نيزاري ڪري چوڻ لڳا "هي لال سائين! اسين سڀ مسلمان ٻڌان ڪنهن ڪپت جي توهان جي شرڻ آيا آهيون. هي نمگي نمگ پال! پنهنجو نمگ سڃاڻي اسان جي سهائتا ڪريو." وري مرک شاه وينتي ڪري چوڻ لڳو "هي جلپتي راءِ! مان وڏو گنهگار آهيان. مون هندن کي تمام گهڻا ڏک ڏنا آهن. جنهن ڪري مون کي پنهنجي ڪيل گناهن جي سزا ملي چڪي آهي، مان هاڻي تمام ڏکي آهيان، جنهن ڪري هي لال سائين! منهنجا گناه معاف ڪر."

درياه شاه جي ڪپ تي وڃي لال صاحب کي عرض ڪري جڏهن پٺيان نهاريائين ته ڇا ڏسي ته درياه شاه جي ڪناري تي هڪ شاهي عاليشان مندر ٺهيو پيو آهي جنهن ۾ لال صاحب براجمان آهي ۽ سيني پاسن کان هندو لال سائينءَ جي اُستتي ڪري رهيا آهن ۽ آنند منگل گيت ڳائي رهيا آهن.

— پنجڙو —

هميشه لال زهه مون وٽ،
وڃڻ جي ڪانه ڪر وائي
اهوئي عرض منهنجو آهه،
اِي نه پرواه آهه ڪائي

جو ترڪن جا سيئي گھر سڙي خاڪ ٿي ويا.

مرکه شاھه، وزير ۽ ٻيا سيئي پنهنجا گھر سڙندا ڏسي پنهنجون جانيون ڇڏي وڃي ٻاهر ميدان ۾ ويٺا. ٻاهه جي لڳڻ ڪري هوا اهڙي گرم لڳڻ شروع ٿي جو سيني مسلمانن جي چمڙي سڙڻ لڳي ۽ انهن جو ساهه گھٽجڻ لڳو. مطلب ته ترڪن جو اهڙو ته برو حال ٿيو جو هو دردمندبهان دانهون ڪرڻ لڳا ته هاڻي ڇا ڪريون جو هن مصيبت کان آجا ٿيون. سيني مسلمانن دل ۾ ائين سمجهيو ته لال صاحب کي ستائڻ جو هيءُ نتيجو آهي جو اسين پوڄي رهيا آهيون ۽ آفت مٿان آفت ڪڙڪي رهي آهي.

لال صاحب جي اها ليلا ڏسي هندو سڀ خوش ٿيڻ لڳا ته ڪيئن مسلمان ترڪ پنهنجي ڪرمن جو ڪيتو لوڙي رهيا آهن، اجهو جاڻ ته هينئر سڙي ڀسم ٿا ٿين. شري لال صاحب پنهنجي ڪرامت سان درياهه جي ڪپ تي هڪ شاهي مندر ٺهرائي سيني هندن کي چيو ته "توهين سيئي هندو هن مندر ۾ رهي پنهنجو وقت سک سان گذاريو." لال صاحب پاڻ مندر ۾ براجمان ٿيا پوءِ سيئي هندو پاڻ ۾ گڏجي انهيءَ مندر ۾ رهڻ لڳا ۽ سدائين لال سائينءَ جو درشن ڪري، ان جي استتي ڪري منگل گيت ڳائيندا هئا.

هيڏانهن سيئي ترڪ دکه کان وياڪل ٿي مرکه شاهه کي صلاح ڏني ته "اي بادشاهه! هاڻ لال صاحب جي

حڪم ڏنو ته هاڻ شانت ٿي وڃو، لال صاحب جي حڪم مالڪ شرط هڪدم ٻاهه وسامي ويئي ۽ گرم هوا بند ٿي ويئي ۽ ٿڌي هير لڳڻ شروع ٿي، اهو اسرار ڏسي هاڻ مسلمانن کي هيڪاري پڪ ٿي ته لال صاحب ڪو ولي پيغمبر آهي جنهنڪري سڀئي اچي لال صاحب جي چرنن ۾ ڪري، هن کان ڏوهه بخشائڻ لڳا. پوءِ لال صاحب انهن ۾ دَيا آڻي، مرکه شاهه ۽ وزير کي حڪم ڏنو ته "هاڻي هندن کي پاڻ جهڙو سمجهي ساڻن چڱيءَ طرح سان هلت هلو. هنن کي ڪوبه ڏک نه ڏيو ۽ نه انهن سان زور ظلم ۽ زبردستي ڪريو." لال صاحب جا اهي وچن ٻڌي مرکه شاهه هٿ جوڙي وينتي ڪئي ته "سائين! مونکي توهان جو حڪم منظور آهي. جيئن توهان چوندا ان موجب عمل ڪندس ۽ هندن سان ڪڏهن به ظلم زوري نه ڪندس."

لال صاحب مرکه شاهه جا اهي وچن ٻڌي سندس پٺي ٺپي آشيرواد ڏيئي روانو ڪيو. مرکه شاهه جي وڃڻ کان پوءِ لال صاحب سڀني هندن کي آگيا ڏني چيو ته "اي هندئو! هاڻي هرڪو پنهنجي پنهنجي گهر وڃي ٻارن ٻچن سان سکي ٿئي. لال صاحب جا اهي وچن ٻڌي سڀئي هندو هٿ جوڙي وينتي ڪرڻ لڳا ته هي ورڻ ديو! اسان جو من توهان جي استتي ڪرڻ سان ڍاپي ٿي نٿو تنهنڪري توهين هت نئين شهر ۾ ٿي رهي پئو، ڇو ته توهان اسان سڀني کي درشن ڏيئي

١- منهنجي هيءَ منت ۽ آزي،
منجي لون لال تيءَ راضي
لڳائي پاڇي جني پاري،
ڪر اچي سبز ۽ سائي
٢- نہ گهر جي مال تن دولت،
فقط گهر جي انهنجي رحمت
ڪجي رڳي لال جي محبت،
رهان شل انهنجي شرڻائي
٣- "أمر" جو عرض اگهائجہ،
اوکيءَ ۾ سڏڙو اونائجہ
دليا سعدو هتڙو گهمائجہ،
ڪجانءِ مهر مولائي.

مرک شاهہ ۽ وزير يوسف سپاهين سميت لال صاحب وٽ اچي پيرن تي ڪري هٿ جوڙي چوڻ لڳو تہ "هي سائين! مان توهان جي شرن آيو آهيان. منهنجي رکيا ڪريو، جيئن وڏو ٿيئن منهنجو پرت پال. هي انگي نگہ پال! توکان سواءِ منهنجو ڪوبہ واهر وسيلو نہ آهي، جو منهنجا عيب ڏسي منهنجو ڏکہ دور ڪري سگهي. هي ورڻ ديو! مان توهان جي شرن آيو آهيان. شرن آئي کي اوهان تي ڪميا ڪندا آهيو. مان گنهگار ۽ پاپي آهيان جيئن وڏو ٿيئن منهنجي لڄ رکو."

مرک شاهہ جي اهڙيءَ طرح وينتي ٻڌي لال صاحب کي ديا آئي ۽ لال صاحب اوڏي مهل اگن ديو کي

لال صاحب جي پيدائش موجب مرڪ شاهه بادشاهه ۽ وزير ٻنهي جي حڪومت مسلمان شريعت موجب هلائڻ لڳا ۽ هندن سان رحميءَ سان هلڻ لڳا ۽ هندو به پنهن جي ڌرم موجب آزاد ڪيءَ سان گذارڻ لڳا ۽ ان لال جي استان تي هندو مسلمان ٻئي اچي پوڄا زيارت ڪندا هئا.

اڌياءُ چوٿون

ٻال چرتر

ٺٽي نگر جي رهواسين لال صاحب جا عجيب چرتر ٿي ڏٺا. هيڏانهن نصرپور ۾ وري لال صاحب پنهنجون ٻال ليلائون ٿي ڏيکاريون جن ماتا ديوڪي ۽ پتا رتنراءِ کي سدائين سک ٿي ڏنا. نصرپور واسين لال صاحب کي نصرپور ۾ ڪرامتون ڪندو ٿي ڏٺو وري ساڳئي وقت ٺٽي جي نگرواسين لال صاحب کي ٺٽي ۾ ڪرامتون ڪندو ٿي ڏٺو. ٻنهي شهرن ۾ ماڻهن لال صاحب جون ڪرامتون ۽ قدرتي نظارا ٿي ڏٺا. نصرپور واسين نصرپور ۾ درياهه جي ڪپ وٽ هڪ لال صاحب جو مندر ٺهرايو، جتي هر روز لال صاحب جا پوڄاري اچي پوڄا، پڄن پاٺ ۽ ستسنگ ڪندا هئا.

پڳت رتنراءِ نصرپور ۾ هميشه چيٽي چنڊ جي ميلي لڳائڻ لاءِ چوڌاري پنڊتائين کي چٺيون لکيون ۽ هر سال **چيٽي چنڊ** تي سيڪڙو لال صاحب جي مندر ۾ اچي آسو مڃائي.

اسانجو دک دور ڪيو آهي ڀڳتي ڪري هت رهي اسان کي اهڙو اُپديش ڏيو جنهن مان اسانجو ڪلياڻ ٿئي.“
شري لال صاحب هندن جو سچو پريم ۽ شرڌا ڏسي چوڻ لڳو ته هي هندئو! اوهين مونکي سدائين جوت ۽ جل روپ ڪري سمجهو. اهو جوت سروپ پنهنجي من ۾ ڌارڻ ڪريو، توهين جل (ورڻ ديو) ۽ جوت جي شيوا ڪريو. توهين ٺٽي نگر ۾ هڪ لال صاحب جو مندر ٺهرايو، جتي منهنجي جوت جاڳايو. اها جوت رات ڏينهن ٻرندي رهي. ان جوت ۾ ئي منهنجو واسو ڄاڻو. ان مندر ۾ سچي ڀاونا سان صبوح شام جو نت نيم سان منهنجي شيوا ڪريو ۽ ڌوپ ديپ آرتي ڪري لال صاحب جا گڻ ڳايو، پر خاص ڪري ٿاورن ڏينهن جنهن ڏينهن منهنجو جنم ٿيو آهي. ان ڏينهن جل ۽ جوت جي شيوا ڪري ڦل ڦول هار چڙهائي، ڀوڳ رکي پرساد سڀني ماڻهن کي ورهائي ڏجو. اهڙي طرح شيوا ڪرڻ سان مان توهان تي پرسن ٿي، من جون مرادون پوريون ڪندس. مونکي توهين اِئين سمجهو جڻ ته مان هروقت توهان وٽ وينو آهيان.“ ائين چئي لال صاحب هندن کي آشيرواد ڏيئي انتر ڌيان ٿي ويو ۽ جيڪو درياهه جي ڪپ تي مندر هو سو به غائب ٿي ويو. لال صاحب جي چوڻ موجب هندن انهيءَ ساڳئي هنڌ مندر واري جاءِ تي هڪ عاليشان مندر ٺهرايو. اهو مندر اڄ ڏينهن تائين ٺٽي ۾ قائم آهي جو ڪڏئي ناڻي سان مشهور آهي.

لڳو ۽ من ۾ لال صاحب جي تعريف ڪرڻ لڳو انهيءَ ڏينهن کان وٺي پنڊت ۽ رتنراءِ جي من ۾ لال صاحب ۾ شڌ ڀاونا بڻي رهي. لال صاحب پتا جي من جو حال ڄاڻي پنهنجي مايا کڻي پکيڙي، جنهن پتا جي من ۾ مهنجي اوتار جي ڀاونا نه رهي ۽ پٽ جي ممتا اٿي رهي ۽ برهمڻ ۾ شش جي ڀاونا اٿي رهي. اهڙي مايا کڻي اٿاپائين جو پتا پنهنجو پٽ ڪري سمجهڻ لڳو ۽ پنڊت پنهنجو شش سمجهي رتنراءِ کي چوڻ لڳو ته ”هن جي بدي تمام تيز آهي جو سڀ شاستر ويد جهٽ پٽ پڙهي ٿو وڃي.“ جڏهن لال صاحب اٺن سالن جو ٿيو اُن اوسٿا ۾ لال صاحب سڀ ڌرم نيتي ويد شاستر پڙهي پاس ڪيا، تڏهن پنڊت رتنراءِ کي چيو ته ”لال صاحب کي هاڻ جڻيو پائڻ گهرجي.“ پنڊت جي اها ڳالهه ٻڌي رتنراءِ مٽن مائٽن کي گهرائي ڌام ڌوم سان ڇيٽي چنڊ جي ڏينهن درياهه شاهه تي لال صاحب کي ساڻ وٺي، جڻيو پائڻ لاءِ پهتي ويا ته واٽ تي لال صاحب کي رشيءَ جي ويس ۾ شو مهراج گڏيو. ٻئي هڪ ٻئي کي سڃاڻي نمسڪار ڪري گڏيا. رتنراءِ هن کي مهاتما رشي ڄاڻي پيرين پئي عرض ڪيو ته ”هي مهاتما! توهين ڪرپا ڪري لال صاحب تي دعا جو هٿ ڦيرايو ۽ ٻڌايو ته لال صاحب کي ڪهڙي گياني ودوان گروءَ کان گر اُپديش ڏيارجيس.“

تڏهن شنڪر ڀڳوان رشيءَ جي ويس ۾ مشڪي چوڻ لڳو ته ”هي رتنراءِ! هن ٻالڪ کي گر اُپديش جو

لال صاحب مرڪ شاهہ جو ايمان ٽوڙڻ کان پوءِ سنڌ ۾ چوڌاري آنند سان ميلا ٿيڻ لڳا. شري اڏيرو لال صاحب رتنراءِ جي گهر لاڏ ڪوڏ سان پلجڻ لڳو. ڪڏهن رانڍيون ڪڏهن ٻانڊرا پائڻ، ڪڏهن اٿي ٻيهي هلڻ. ڪڏهن طوطلي ٻولي ڳالهائي مائٽن کي خوش ڪندو هو. لال صاحب جڏهن ڏهہ سال جو ٿيو تڏهن رتنراءِ پنهنجي ريت رسم موجب درياهہ جي ڪپ تي هندو ڌام ڌوم سان جهنڊ (منڊڻ) لهرايو. انهيءَ ڏينهن رتنراءِ ديگيون چاڙهائي پنهنجي مٽن مائٽن، غريبن ۽ فقيرن کي کارايائون ۽ هنن کي دل گهريو دان ڏيئي خوش ڪيائين.

لال صاحب جڏهن پنجن سالن جو ٿيو تڏهن هن کي پڙهڻ لاءِ هڪ ودوان پنڊت وٽ ويهاريو ويو. پنڊت لال صاحب کي سليٽ تي اکر لکي لال صاحب کان پڙهائين ٿي تہ لال صاحب اهي لکيل اکر جهٽ پڙهي ويو پنڊت عجب ۾ پئجي ويو ورِي ٻيو هڪ شاستر لال صاحب کي پڙهڻ لاءِ ڏنو تہ اهو شاستر بہ انهين پڙهي ويو جڻ تہ ڪو اڳيئي پڙهيل هو، پنڊت هيڪاري وائڙو ٿي ويو ۽ من ۾ سمجهيائين تہ هيءُ ڇوڪرو رواجي منش تہ نہ آهي. ضرور ڪوئي ڀڳوان جو اوتار آهي. پوءِ پنڊت اها حقيقت وڃي رتنراءِ سان ڪئي تہ "توهانجو بالڪ سڀ ڪجهہ اڳيئي پڙهيل آهي هيءُ رواجي منش ناهي، پر ڀڳوان جو اوتار آهي."

پنڊت جي اها ڳالهہ ٻڌي رتنراءِ کي ڏاڍو عجب

پٽ، ٻر ھمڻ ۽ جاجڪن کي دل گھريو دان ڏنائين. جنھن جيڪي دان ۾ ٿي گھريو تنھن کي اھو دان ٿي مليو. لال صاحب من ۾ ويچار ڪيو تہ سنسار ۾ جيڪي بہ وشي مدي اوتار ٿيا آھن تن سڀني گرو ڪيو آھي، تنھن ڪري مريادا جي ڪري گرو ڪرڻو پيو. جيڪڏھن مان گرو نہ ڪندس تہ سڀ لوڪ منھنجو مثال وٺندا. تنھن ڪري لوڪ مريادا پالڻ ضروري آھي. جٿيو ٻائي گرمتر وٺي پوءِ لال صاحب چار ويد ڇھہ شاستر ٻن سالن اندر پڙھي پورا ڪيا. ھڪ ڏينھن لال صاحب پنھنجي ودياً پاڙھيندڙ گروءَ سان گڏ درياھہ جي ڪپ تي ويٺا ھئا تہ پراڻ پنڊت کي ھڪ سھڻي پيتي درياھہ ۾ لڙھندي لڙھندي ڪناري وٽ ڏسڻ ۾ آئي. اُن وقت پنڊت اُٿي پاڻيءَ ۾ گھڙي پيتي ٻاھر ڪڍي آيو ۽ کولي ڏٺائين تہ ان ۾ ڪجھہ ريشمي ڪپڙا ٻہ ڊٻيون چانديءَ جون پيل ھيون. ھڪ ڊٻيءَ ۾ ڪيترائون مھرون پيل ھيون ۽ ٻيءَ ڊٻيءَ ۾ موتين جو ھار ۽ سونن داڻن جون مالھائون ۽ ھار پيل ھئا. پنڊت اھا پيتي کڻي اچي ٺڪر ولدراءِ جي اڳيان رکي. پنڊت کي پيتي آڻيندو ڏسي ولدراءِ چوڻ لڳو تہ "ھي پنڊت! ھي جلپيتي توھان جي گردکشڻا ڏيڻ جي ڀاونا سان ھيءَ ليلا رچي آھي، تنھنڪري ھيءَ پيتي توھان جي آھي توھان کڻو." ولدراءِ جا اھي وچن ٻڌي پنڊت ڏاڍو خوش ٿيو ۽ لال صاحب جا گڻ ڳائيندو، پيتي کڻي گھر ھليو ويو.

ضرور ڪونهي. هي نه گرن جو گرو انترجامي، ڏيڻ جو ڏيو ۽ پورڻ پرماتما آهي. شري لال صاحب جلپتي، زنده پير ۽ جگت پتي پاڻ ناراڻ آهي هن کي ڪنهن به گرو ڪرڻ جي ضرورت نه آهي. هن جون هيترون ٻال ليلائون ڏسندي به اڃان هن ٻالڪ کي پنهنجو ٻالڪ سمجهي ويٺا آهيو؟ ڪهي لوڪن ۾ اهڙو ڪير آهي جو اڏيري لال صاحب کي گر اُپديش ڏيڻ جو دم هڻي؟ ٻيو لوڪ مريادا جي ڪري هن کي گر منتر وٺڻو آهي. هو ڏانهن ڏسو سامهون گرو گورکناٿ پيو اچي ان کان لال صاحب کي گر منتر ڏياريو." اڃان شو شنڪر ائين چئي بس ڪئي نه اهتري ۾ گورکناٿ به الک نرنجن ڪندو اچي پهتو، جنهن لال صاحب ۽ شو مهراج کي وشيش جي ويس ۾ ڏسي ٻنهي کي نمسڪار ڪيو ۽ رتنراءِ ۽ ٻيا جيڪي ويٺا هئا تن سڀني گرو گورکناٿ کي نمسڪار ڪيو، اڏهن شو مهراج مشڪي گورکناٿ کي چيو ته "ٻائي لال صاحب کي جٽيو پائي گر اُپديش ڏيو." گرو گورکناٿ شو مهراج جا اهي وچن ٻڌي چوڻ لڳو ته "هي ڀولي ناٿ! هي نه ڀڳوان جو اوتار آهي سو هن کي گر اُپديش جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ اُن وقت لال صاحب پنهنجي اهڙي ڪٽي مايا ڦيري جو گورکناٿ لال صاحب کي پنهنجو شش جاڻي جٽيو پائي گر منتر ڏئي انترڌيان ٿي ويو. پوءِ رتنراءِ لال صاحب کي جٽيو پائي گهر موٽي آيو. اُن ڏينهن گهر گهر ۾ ڏياريون خوشيون ٿيڻ لڳيون.

۾ رکي پٽي آيو ان جي آشا پوري ٿيندي ڏٺي. جڏهن الي آيلن مهمانن جي شيوا ٿي ڪٿي انهن کي شيوا جا ميوا ملندا ٿي رهيا. جڏهن امر اڏيرو لال جوان ٿيو تڏهن کيس سندن مائٽن چيو ته ”هاڻ ٻارکي ڪجهه ڌنڌو ڪرڻ گهرجي.“ مالا پتا جا اهي وچن ٻڌي چوڻ لڳو ”هي پتا! مان توهانجي آگيا پالڻ لاءِ تيار آهيان. چڱو! مان سادو ۽ ٻهراڻو ڌنڌو ڪندس. مونکي ڪوهرن جو ڪنو چاڙهي ڏيو ته مان وڪڻي اچان.“ مالا ڏيرکي لال صاحب جي واڻان اهي لفظ ٻڌي ڪوهرن جو ڪنو ٻري رڌي ڏنائينس ۽ چيائينس ته هيءُ ڪوهر وڪڻي ڪري، ڪجهه پيسا ڪٺي اچ ۽ ڪجهه اناج وٺي اچ.“ لال صاحب پڙهيل ودوان سو مالا پتا جي آگيا پالڻ لاءِ ڪوهرن جو ڪنو مٿي تي کڻي هوڪا ڏيندو، ڪوهر ڪوسا ، ڪري وڪڻڻ لڳو. ماڻهو لال صاحب کي ڪوهر وڪڻندو ڏسي ڏاڍو عجب کائڻ لڳا ۽ سندس ليلا ڏسڻ لاءِ هن جي پٺيان ويندا هئا ته ڏسون ڇا ٿو ٿئي؟

اهڙيءَ طرح هر روز لال صاحب ”ڪوهر ڪوسا“ هوڪو ڏيندو غريبن ۽ ساڌن ۾ ڪوهر مفت ۾ ڏئي باقي بچيل ڪوهر جو ڪنو درياهه شاهه ۾ پرواهه ڪندو هو. ان جي بدران درياهه مان هڪ وڏو ڪنو جوئر جو اَن سان ڀريل ٻاهر نڪري ايندو هو، جو لال صاحب گهر کڻي ايندو هو. انهيءَ رات لال صاحب کي ڪيترا ڏينهن لاڳيتو نديءَ ڪوهرن جي ڪني بدران جوئر جو

— پنجڙو —

سنگت آئي سوالي لال، تنهنجي آس پڄاءِ لال

١- دروپديءَ جا سڏڙا ٻڌي، اکت واس وڌاءِ لال

٢- پهلاد سندو ڀرم ڏسي، نرسنگهه روپ بڻايو لال

٣- ڪيسوءَ سندا ڪارج ڪيا، ڏاڃي ڏاند پلايو لال

٤- ڌرو ٻالڪ جي سرن آءُ، تنهن اٽل راڄ ملاءِ لال

٥- "أمر" سوامي هٿڙا جوڙي، پلا پال پلايو لال.

اهڙيءَ طرح لال صاحب گر برهمڻ کي دکشڻا ڏيئي خوش ڪيو. شري امر اڏيري لال صاحب ودِيا پڙهي پوري ڪرڻ کان پوءِ درياهه جي ڪپ تي ٽهل ٿان صاحب ۾ (مندر ۾) اچي رهڻ لڳو. اتي رهي ڪري هر روز ستسنگ ڪرڻ لڳو ۽ جل جوتيءَ جي پوڄا جي ماڻهن ۾ شردا وڌائڻ ۽ اپديش ڪرڻ لڳو. ٿان صاحب ۾ ڳائڻ وارن جون منڊليون ٺاهيون، جي جدا جدا پڃن گيت لال جا پنجڙا ڏاڍي سڪ ۽ پريم ۾ اچي ڳائيندا هئا. لال صاحب هنن جا اهي سريلا گيت ڏاڍي پريم سان ٻڌندو هو. پڃن منڊلين ڳائڻ وڄائڻ ۾ اهڙو تہ پريم ڏيکاريو جو جيڪو بہ ٻڌندو هو سو انهن جي واکاڻ ڪندو ويندو هو. اهڙيءَ طرح انهن جي ساراهہ ٻڌي آس پاس جا ماڻهو اچڻ لڳا، جنهنڪري ماڻهن ۾ اشور ڀڳتي ۽ شردا وڌندي ويئي. لال صاحب جي ڪرپا سان راڄ جي پراڻا سان اسو، پوهہ ۽ چيٽ جي مهينن ۾ ميلا لڳندا رهيا ۽ جيڪو جهڙي ڀاونا من

ڀڄاري ٿيا آهي سڀ ڀڄاري لال صاحب کي وشنو ڀڳوان جو اوتار ڪري سمجهندا هئا. هڪ ڏينهن سيٺي ننگر واسين ويچار ڪري صلاح ڪئي ته اسين ان کي پنهنجو گرو ڪريون. لال صاحب کان سواءِ ٻئي کي گرو نه ڪنداسون. هنن اهو پڪو نشچو ڪري لال صاحب جي سؤٽ ڀڳر صاحب سان ڳالهه ڪئي. ڇاڪاڻ ته ڀڳر سنت لال صاحب جو پيارو ڀڳت هو. ڀڳر وري لال صاحب کي سمورو حال ڪري ٻڌايو، جنهن تي لال صاحب ڀڳر کي پنهنجو شش ڪري گر منتر ڏنائين ۽ چيو ته "هاڻ وڃي اسان جي پنٿ جو پرچار ڪر." لال صاحب پوءِ سيٺي هنن کي گهرائي چيو ته "هن کان پوءِ ڀڳر صاحب جي اولاد يعني پوٽن کي گرو ڪري مڃجو."

لال صاحب جي چوڻ موجب ڀڳر سنت دولهه جي پنٿ جو پرچار ڪرڻ لڳو ۽ ماڻهن کي چوڻ لڳو ته "هي هندو! توهين ڪوڙي سنسار ساگر مان ترڻ لاءِ لال صاحب جي شرن ۾ اچو ۽ جل جوتيءَ جي شيوا ڪريو ته توهان جا سڀئي ڏک دور ٿي ويندا." لال صاحب جنهن وقت کوهه تي يا ناري من ۾ جيڪا به آشا رکي پرنام سان آيو ٿي ته ان جي من جي مراد اوس پوري پئي ٿي ۽ ڪوئي به سوالي خالي نٿي ويو تنهن ڪري ماڻهن جي دلين ۾ لال صاحب لاءِ ڏاڍو نشچو جمي ويو ۽ صدق شرڌا وڌڻ لڳي. لکين ماڻهو ڀڳر سنت جا شيوڪ ٿي لال صاحب جي پنٿ ۾ آيا.

وڏو ڪنو درياهه. مان ڪيئي گهر ڪٽي ايندو هو جو اڇي
ماءُ کي ڏيندو هو. روزانو هڪ قسم جو هڪ جنس جهڙو
اَن آڻيندو ڏسي سندس پتا، رتنراءِ کي دل ۾ شڪ پيدا
ٿيو، تنهن ڪري پٽ ڏنهن لال صاحب جي پٺيان ويو.
جڏهن رتنراءِ لال صاحب جي اها ليلا ڏٺي تڏهن نديءَ
ڪوهرن جي ڪنڌي پڌران هڪ وڏو ڪنو درياهه. مان
نڪري آيو اڏهن پڪ ٿيس ته لال صاحب رواجي منش
نه آهي پر نارائڻ جو اوتار آهي. پوءِ رتنراءِ لال صاحب
کي پاڪر پائي هٿ جوڙي پل اڪشائڻ لڳو. ان وقت
لال صاحب پنهنجي ماءُ پڪيڙي جو رتنراءِ وري ڪيس
پٺ چاڙهڻ لڳو.

اڌياءُ پنجون

ڏيڱر سنت جو لال صاحب جو پنٿ چالو ڪرڻ

لال صاحب جل ۽ جوت جي پوڄا جي شڪتي
پرگهٽ ڪري ڏيکاري، انهيءَ ڪري لال صاحب جا
پوڄاري اڄ ڏينهن تائين جل ۽ جوت جي پوڄا ڪندا
آهن. جل ۽ جوت جا پوڄاري انترا ۾ وڏي ويا آهن
جنهنجو انداز ڇٽي نٿو سگهجي. لال صاحب جڏهن ڏٺو
ته هندن جون حالتون هاڻي ٺيڪ آهن تڏهن هندن ۾
وڌيا جو بچ قوڪڻ لڳو. هن هڪ ورڻ ڏيئو پنٿ پا
ڏرياهه شاهه جو پنٿ چالو ڪيو. لال صاحب جون
ڪرامتون ۽ چمتڪار ڏسي لکين ماڻهو ڏرياهه شاهه جا

وڃو. هاڻي مان جلد پرلوڪ وڃڻ وارو آهيان تنهڪري منهنجي صلاح مڃي مايا جي موهه ۾ نه ڦاسو، ڇو ته هيءَ دنيا آخر فاني آهي، تنهڪري ڀڳوان جي ڀڳتي ڪري پنهنجو جنم سڦلو ڪريو، ڇو ته منش جو اهوئي ڌرم آهي. هيءَ سڀ صلاح پوري ڳالهه آهي ته، توهين پنهنجو ڌندو واپار ڇڏي منهنجي اُپديش موجب هلو ۽ ڌرم جو پرچار ڪندا رهو. جيڪو به منهنجو پوڄاري هجي جو توهان جي در تي اچي، تنهن کي اوهين ڇنڊو هڻي ذات ڏئي، منهنجو شيوڪ بڻايو ۽ منهنجو ڏنل منتر ڏيئي، سيني کان پيتا ۽ شيوا وٺندا ڪريو. جيڪو به دکي يا دکايل منهنجو نالو وٺي منهنجي شرڻ ۾ ايندو، تنهنجا هڪ پل ۾ دک دور ٿي ويندا. توهين به منهنجي نام جو ڌيان سمرڻ ڪريو. منهنجي ڌيان ڪرڻ سان توهان کي سچو سک ملندو. هاڻ مونکي هي جڳت ڇڏي پنهنجي ڌام وڃڻو آهي تنهن ڪري توهين گهر ۽ واپار سڀ ڇڏي منهنجو پنٿ جڳت ۾ ڦهلايو. جل ۽ جوت جي پوڄا جو پرچار ڪريو. ائين ڪرڻ سان اوهان پڇهي جو وقت ڏاڍي آنند ۽ مزي ۾ گذرندو. هن سنسار جو وهنوار ناس ٿيندڙ ۽ ڪوڙو آهي. مايا ڪنهن وقت هميشه نه رهندي آهي. منهنجي نام سمرڻ سان اوهان کي سڀ ڪجهه حاصل ٿيندو. تنهن ڪري منهنجو امرلڪ اُپديش مڃي ان موجب هلت ڪريو."

لال صاحب جا ٻئي پاڻ مايا جي موهه ۾ ڦاٿا پيا

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ لال صاحب پنهنجي سنت کي چيو ته هاڻي مان ڪجهه وقت شانتيءَ ۾ رهڻ ٿو چاهيان. تڏهن پنهنجي سنت هٿ ٻڌي وينتي ڪري چيو ته "سائين! مونکي ته پاڻ سان وٺي هلو. جتي به توهين هوندا اتي مان توهان جي سيوا پيو ڪندس." پنهنجي جي وينتي ٻڌي ديا آڻي پاڻ سان گڏ وٺي درياهه تي آيا ۽ درياهه ۾ گهڙي ٻئي ڄڻا ٽٻي هڻي اندران ئي اندران روهڙي جي نزديڪ ٽڪريءَ مان سرنگهه ڪيڏي ٻاهر نڪتا. اهو نشان اڄ ڏينهن تائين موجود آهي انهيءَ هنڌ کي **اِڏيرو گهاٽ** ڪري سڏيندا آهن. ان جاءِ تي هڪ استان پوءِ ٺهرايو ويو جنهن کي **جندهه پير** جو مندر يا **لال صاحب** جو ٿان ڪري سڏيندا آهن. اتي هر سال چيٽي چنڊ تي وڏو زبردست ميلو لڳندو آهي.

لال صاحب روهڙيءَ ڏانهن وڃي گهڻا ڏينهن ايڪانت ۾ گذاريا هيڏانهن ماتا ديوڪي ۽ پتا رتنراءِ لال صاحب کي نه ڏسي وڇوڙي ۾ وياڪل گذارڻ لڳا. انترجامي لال صاحب جاڻي جاڻيهار ماتا پتا جي دل جو حال جاڻي موٽي نصرپور ۾ آيو. ٿورن ڏينهن کان پوءِ رتنراءِ ۽ ماتا ديوڪي ٻئي سرڳ پڌاريا. لال صاحب انهن جو اگني سنسڪار ڪري نيتيءَ موجب ڪريا ڪرم ڪيو

شري امر اڏيري لال کي ٻه پاٽر هڪ ڪيشو رام ۽ ٻيو پيڙو رام نالي هئا جن کي لال صاحب چيو ته "مان جنهن ڪم لاءِ سنسار ۾ آيو آهيان اهو ڪم منهنجو پورو ٿي

٢- **جوت** - جنهن جي درشن ڪرڻ سان من ۾ سچي جوت جاڳندي ۽ اندر مان اگيان جو انڌڪار ناس ٿي ويندو.

٣- **ڪنٿا** - جنهن جي ڪفني ڪري پائڻ سان ڪوبه زهري نانگ بلا جن ڀوت ڪو به ويجهو نه ايندو ۽ نه ڪنهن به هٿيار جو ڌڪ اثر ڪندو.

٤- **ديگ** - جنهن ديگ ۾ رڌڻ سان ڀل ڪيترا به ماڻهو کائي ڍءُ ڪري وڃن تڏهن به ان مان کاڌو نه کٽندو.

٥- **ترار** - اُنهيءَ ترار کي ڏسڻ سان پنهنجي سر ۾ جا هٿيار ياد پوندا جنهن جي ڪري سڀئي شترو ڪام ڪروڌ کي هٽائي موکش کي پائيندا.

٦- **جهاري** - جهاري چنبو ۽ ڏاس ڏنئي چنبو هٿڻ جڻ گنگا جي جل جو آچمن ورتو.

٧- **ڊڪلو** - جنهن ڊڪلي مان انهد نادن جا شبد ٻڌڻ ۾ ايندا هئا، جنهن جي ٻڌڻ سان ڪنن ۾ رس پوندو هو ۽ من کي آنند ڏيندڙ هو.

پيگر سنت اهي ستتي شيون لال صاحب کان وٺي من ۾ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ صاحب کي سر نوائي استتي ڪرڻ لڳو.

صاحب پيگر سنت کي نڪرائي جو لقب ڏنو تنهن ڪري انهيءَ ڏينهن کان وٺي پيگر سنت نڪر سڏجڻ لڳو ۽ سندس اولاد ٻهدي پوئان به نڪر سڏجڻ لڳا. پوءِ

هئا. هنن جا اڳيان ڪي ڀاڳ ڪامل ڪونہ هئا ۽ ٻنهي ڀائرن کي مايا جو نشو چڙهيل هو، انهيءَ ڪري لال صاحب جي ڪومل اُپديش جو انهن تي ڪو بہ اثر ڪونہ پيو. هو چوڻ لڳا تہ ”هي ڀائي! اسين واپاري شاهوڪار ماڻهو سکيا ستابا ويٺا آهيون، تنهن ڪري اسين پنهنجو ڌنڌو نہ ڇڏينداسون، اها فقيري ۽ پنڻ جو ڌنڌو اسان کان ڪونہ ٿيندو، ڇو تہ انهيءَ ۾ اسان جي گهٽتائي ٿيندي. هي ڀائي لال صاحب! توهان جڳهن کي گادي وٺيو، تنهن کي وڃي ڏيو.“ لال صاحب پنهنجي ڀائرن جو اهڙو رکو جواب ٻڌي اوڏي مهل پڳر سنت کي گهرائي حڪم ڏنو تہ ”توکي اڳيئي اسان پنهنجو چيلو ڪري ٻين کي شيوڪ ڪرڻ جي آگيا ڪئي آهي، تنهن ڪري اڄ ڏينهن کان وٺي تون ئي لال صاحب جو پنٿ هلائيندو ڪر. تو وٽ نو نڌيون ۽ ارڙهن سڌيون تنهنجي حڪم ۾ رهنديون.“ پڳر سنت لال صاحب جي آگيا اکين تي رکي هٿ جوڙي سر نوايو. لال صاحب سنت جي پٺي ٺپڙي، آشيرواد ڏني ۽ سڀني هندن کي گهرائي چيو تہ ”اي هندئو! منهنجي آگيا مڃي پڳر سنت ۽ هن جي اولاد جا هميشہ شيوڪ ٿي رهجو.“ پوءِ لال صاحب پڳر سنت کي هيٺ ڏنل موجب ست شيون ڏنيون:-

١- ويڙهہ جڳهن جي آڳر ۾ ٻاڻ سان مڪہ مسان جيڪو بہ وچن ڪيو سو سچ ٿي رهندو.

سمورن ڪندو رهندو. انهن ڪرڻ سان تنهنجو جڳت ۾ ناماچار وڌندو. مون انهيءَ ڪري توکي ٺڪر جو لقب ڏنو آهي، تنهن ڪري توکي دنيا ۾ ٻيو ڪوبه ڪم ڪار يا وهنوار نه ڪرڻ گهرجي. تنهن جي قسمت ۾ اهڙي وڏي اُمر پڻ لکيل هئي، جا مون توکي ڏني آهي. مان هاڻي جلد ئي پنهنجي نج لوڪ ۾ وڃڻ وارو آهيان."

لال صاحب جا اهڙا وچن ٻڌي سمت پگهر ادب سان هٿ ٻڌي وينتي ڪري چوڻ لڳو ته "هي پرڀو! هيءَ گادي اوهين پنهنجي پائرن کي ڏئي ڇڏيو." انهن لال صاحب چوڻ لڳو ته "هي سمت! مون ڀرپائين هنن کي آڇ ڪئي هئي ۽ گهڻي قدر سمجهايو هو پر هنن اها ڳالهه قبول نه ڪئي پر پوءِ ڏاڍو پڇتائيندا. تنهن جي اڳئين جنم ۾ سٺي ڪمائي ڪيل آهي جنهن جي ڦل پرتاپ سان توکي هيءَ پدوي ملي آهي. تون منهن جو پيارو ڀڳت آهين." لال صاحب اِئين چئي پگهر سمت کي ٻانهن کان جهلي پاڻ سان گڏ وٺي درياهه ۾ گهڙي، اندر ٽٻي هڻي، پنهنجي ورڻ لوڪ ۾ وٺي ويو. پگهر سمت اندر وڃي ڇا ڏسي ته جل ۾ هڪ سهڻو امرلال جو مندر آهي ۽ ٻي به انيڪ نمونن جي جل ۾ رچنا ڏسي ۽ ان مندر جي سونهن سوڀيا ڏسي عجب ۾ پئجي ويو جنهن جي تعريف وڻن ڪري نٿي سگهجي. ان مندر ۾ اندر وڃي ڇا ڏسي ته سون جڙت ۽ هيرن سان جڙيل سنگهاسن تي شري امر لال صاحب ويٺو آهي ۽ پاسن کان سيپئي

ٽڪر وري لال صاحب کي وينتي ڪري چوڻ لڳو-

سلوڪ امر لال جو

ڏولھ تنھنجي در تي - سوالي روز اچن
ڌن پٽر ملڻ جي - من ۾ آس رکن
پائي مرادون من جون - خالي ڪين وڃن
درياھ تنھنجي سير ۾ - وھن ھيرا لال انبار
ماڻڪ موتي اڻ ميا - لھرن منجھ ھزار
اُتم ڏاتي ڀاڳي ڀوڪ کي - سڪل وڻ ساوا ڪرڻ.

پگھر سنت جي وينتي ٻڌي لال صاحب چوڻ لڳو تہ "ھي سنت! مان تنھنجي استتي ٻڌي ڏاڍو پرسن ٿيو آھيان. تون ڪابہ چنتا نہ ڪر تنھنجا ھاڻ سڀ ڏک دور ٿي ويا. جيڪو بہ تنھنجو داس ٿيندو تنھن کي ڪنھن بہ قسم جو ٻنڌن نہ ٿيندو ۽ جيڪي بہ مونکي منھنجو داس سڏائيندا انھن کي مان سنسار ساگر مان تاري پار ڪندس ۽ انھن کي اُتم پدوي ڏيندس ھي سنت پگھر! جيئن مون توکي آگيا ڏني آھي ان موجب ھلت ڪندو رھج. ائين ڪرڻ سان تنھنجو بہ نستارو ٿيندو." جڏھن پگھر سنت چيو تہ "ھي پرڀو! مان تہ توھان جو داس آھيان ۽ توھان جي آگيا جو پالن ڪندو رھندس." تڏھن لال صاحب چيو تہ "ھي سنت! منھنجو ڪوئي بہ پرمي شھوڪ تنھن جي در تي اچي تہ ان کي تون اُپديش ڏجانءِ. منھنجو منتر ٻڌائج ۽ جل جوتيءَ جي پوڄا وديءَ موجب ڪرائج. توں بہ منھنجي نام جو

هينئن انترڌيان ٿي لال صاحب سنت ٻڪر جي دل جو حال ڄاڻي اوچتو اچي پرگهٽ ٿيو ۽ ڀائرن کي سمجهائي چوڻ لڳو ته "ڀائرو! ڀريائين مون لوهاڻن کي گادي ڏيڻ جي آڇ ڪئي هئي، جو لوهاڻن قبول نه ڪئي. هاڻ جڏهن سنت ٻڪر کي گدي ڏني اٿوَن تڏهن هن سان وڙهڻ آيا آهيو. لوهاڻن کي ائين ڪرڻ مناسب نه آهي."

لال صاحب جا اهي وچن ٻڌي سندس ڀائر ڏاڍا پشيمان ٿيا ۽ پنهنجي ڀُل مڃڻ لڳا.

تڏهن لال صاحب ڀائرن کي چيو ته "توهين به جوت جاري رکو ته لوهاڻن کي به اسان جا پوڄاري نمندا ۽ مڃڻ لڳندا. اسان جي پوڄارين کي چنبو ۽ ڏات ڏني ٿي پلئه پائي ڏات ڏيئي آشيرواد ڏيندا رهجو." لال صاحب جن جا اهي وچن ٻڌي سندس ٻنهي ڀائرن اها ڳالهه قبول ڪئي ۽ سنت ٻڪر سان وڏو پيار ڇڏي پريم سان هلڻ لڳا. لال صاحب جي پوڄارين جا ڳوٺ ڳوٺ، شهر شهر ۾. جيئن ته سنڌ، ڪڇ، گجرات، پنجاب ۽ راجپوتانا ۾ هر هنڌ ٺڪرن جا گهر آهن، سي سڀ سنت ٻڪر جو سنتان آهن. ٺڪرن کي لال جا پوڄاري هئڻ ڪري پنهنجو پوڄنيه وڏو ڄاڻي. انهن کي مڃين ٿا. هر ڪنهن ٺڪر جي گهر اڳيان لال صاحب جو مندر (ٿان) آهي، جتي سدائين اکنڊ جوت جاري رکيل آهي. ٺڪر صاحب جل ۽ جوت جي شيوا ڪندا رهن ٿا ۽ ڏات ۽ چنبو جوت جاري ڪرڻ مان ڏين ٿا.

ديوتائون هٿ جوڙي آستتي ڪري رهيا آهن.

جيئن وشڻو ڀڳوان جو لوڪ کير ساگر سمنڊ ۾ وهي ٿو، جيئن شو مهراج ڪيلاش پربت تي سون جي ٺهيل مندر ۾ رهي ٿو ٺهڙيءَ طرح ڀڳر سمت لال صاحب کي سونې سنگهاسن تي براجمان ڏسي هٿ جوڙي، وار وار آستتي ڪرڻ لڳو. سمت ڀڳر جي وينتي ٻڌي لال صاحب پرسن ٿي وري ڪمس ٻانهن کان جهلي پنهنجو سچو مندر جل اندر گهمائي، پاڻيءَ مان ٻاهر نڪري آيو. انهن کان وٺي الي نديءَ جي ڪپ تي ڀڳر سمت هڪ ٿان ٺهرايو ۽ ان ٿان جي جوت استاپن ڪئي، جا رات ڏينهن ٻرندي ٿي رهي. لال صاحب کان بخشيش ٿيل ست شيون اتي رکيائون. لال صاحب جي ديا سان ٿورائي وقت ۾ سمت ڀڳر جو ناماچار وڌي ويو جنهن ڪري هن وٽ ٻري ٻري کان ماڻهو اچڻ لڳا، جو سدائين ڀڳر سمت وٽ ٻارهن ئي مهنا ميلو لڳو پيو هوندو هو ۽ انيڪ قسمن جون ڀيٽائون مال ۽ روڪڙ رپيا ڏسي لال صاحب جا پائر حسد وچان جلڻ لڳا ۽ من ۾ پڇتائڻ لڳا آخر ٻئي پائر پاڻ ۾ صلاح ڪري ڀڳر سمت وٽ آيا ۽ اچي چوڻ لڳا ته ”هي سمت! هيءَ سڀ ملڪيت اسان جي پاءُ جي آهي. هن ۾ تنهنجو ڪوبه حق واسطو نه آهي.“ انهن چئي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳا. سمت ڀڳر ٻنهي پائرن جو اهو حال ڏسي ارمان وچان ڪنڌ هيٺ ڪري چپ چاپ ويهي رهيو.

پنٿ ۾ شامل ڪيائون . تنهن کان پوءِ لال صاحب جن
جي ڪرپا درشٽيءَ سان مهرڙي پنٿ لي سمنڊ جو
اٿل ڪاٿي اچڻ بند ٿي ويو ۽ مهاڻا ساموندي جوکي کان
هميشه لاءِ بي ڊپا ٿي رهڻ لڳا . لال صاحب جن اتي
ڙهي جل ۽ جوت جو پرچار ڪيو ۽ ماڻهن جو پريم پاءِ
ڏسي اتي هڪ سهڻو سنڌر ٿان (مندر) ٺهرايو، جنهن ۾
رات ڏينهن جوت جلڻ لڳي، جتي ستسنگي اچي جل ۽
جوت جي پوڄا ۽ پوڄن ڀاو ڪندا هئا . اهو آستان اڄ
ڏينهن تائين قائم آهي، جتي هر سال چيٽي چنڊ ۽ اسو
جي چنڊ تي ميلو لڳندو آهي.

لال صاحب مهرڙي پنٿ کان پوءِ سنڌ ۾ گشت
ڪرڻ ۽ جل جوتيءَ جو پرچار ڪندا، سکر ۽ روهڙي ويا.
اتي هڪ عجيب ۽ حيرت ۾ وجهندڙ واقعو ٿيو . سکر ۾
سنڌو نديءَ جي وچ سير ۾ هڪ سوداگر پرمانند ۽ طاهر
مهاڻي جو ٻيڙو اچي ڪن ۾ ڦاٿو . ان ٻيڙيءَ ۾ لکن روپين
جو مال پيل هو . ان وقت سوداگر ۽ طاهر مهاڻي ٻيو ڪو
حيلو وسيلو نه ڏسي لال سائينءَ کي سچيءَ دل سان سڏ
ڪري ٻيڙو پار ڪرڻ لاءِ وينتي ڪري پڪارڻ لڳا.
انتر يامي لال صاحب انهن جي پريم ڀري پڪار ٻڌي
اهڙي ليلا ڪري ڏيکاري جو سوداگر جو ٻيڙو ڪن مان
اُڇل کائي ٻاهر نڪري آيو . لال صاحب پاڻ ٻيئي
ڏاڙهيءَ سان مڇيءَ تي چڙهي سوسامت ڪندو اتي اچي
اهڙي ليلا ڪري ڏيکاري . اهڙيءَ طرح سوالين جو

شري امر لال جو سفر

شري امر لال صاحب ٻئي سمت کي ٻاڻ سان وٺي لوڪن جي ڪلياڻ لاءِ سفر ڪرڻ نڪتا. هر هنڌ، هر شهر ۽ هر ڳوٺ ۾ هندو ڌرم جو پرچار ڪندا جل ۽ جوتيءَ جو اُپديش ڏيندا هلندا ٺٽي ويا. انيڪ شهر گهمندا پرچار ڪندا، ٺٽي ۾ آيا، جتي مرکه شاه ۽ يوسف وزير ۽ ٻيا هندو لال صاحب جن جو درشن ڪري ڏاڍو خوش ٿيا. لال صاحب جن براهمڻن جي مدت ڪرڻ لئي ڪجهه وقت ٺٽي ۾ رهيو ۽ هر روز مندر ۾ جل جوت جي پوڄا ۽ ستسنگ ٿيندو هو. جتي ڪئين هندو ۽ مسلمان ٻنهي ڪنهن ڀيد ڀاو جي اچي لاڀ وٺندا هئا. شري لال صاحب ٺٽي کان پوءِ هنگلاج ويا. هنگلاج کان پوءِ ڪراچيءَ ۾ منهوڙي ٻيٽ ۾ اچي ايڪانت آستان ڏسي اچي رهڻ لڳا.

ڪراچيءَ جا هزارين ماڻهو لال صاحب جي اچڻ جو ٻڌي درشن ڪرڻ لاءِ اچڻ لڳا. منهوڙي ٻيٽ جا مهاڻا جيڪي سدائين عربي سمنڊ جي لهرن چڙهڻ جي ڪري مڇيءَ جا ٻيڙيون ٻڌي رهن سهائيا ڏينهن پنهنجا گهر ڇڏي در ٻدر ٿيندا هئا، ڇاڪاڻ ته سمنڊ ٻيٽ کي ٻاڙي ڇڏيندو هو وري اونداهين ٻڌرهين ڏينهن ۾ ٻاڙيءَ جو زور ٻيڻو ٿيڻ ڪري وري اچي پنهنجو مهاڻڪو ڌندو ڪندا هئا. پر جڏهن لال صاحب جن الي آيا تڏهن ماڻهن جو اهو ڏکدائڪ حال ڏسي انهن کي دلاسا آڻي انهن کي جل ۽ جوت پوڄا جو اُپديش ڏئي، پنهنجي

جهنجهن جي ڳوٺ ۾ اچي پهتا. اتي رهي ڪري جل ۽ جوتيءَ جو پرچار ڪيائون. پنهنجي پاڻ ڪوڏڻ واه سان جيئن اتي پسار پٽي ڪيائون ته ٻرنان هڪ سٺي سمن ٻني ڏسڻ ۾ آئي. لال صاحب اها ٻني آباد ڏسي اتي پنهنجي ٺان ٺهرائڻ جو ويچار ڪيو. سو اڳتي وڌي وڃي ٻنيءَ جي مالڪ هڪ ٻڍي مسلمان شيخ، مومڻ کان پڇيائون ته "هي ٻڍا مڙس! هي کوهه ۽ ٻني وڪڻندين؟" شيخ، مومڻ ٻٽي بالڪ ڏسي (لال صاحب ۽ ڪوڏڻ واه کي) هن سمجهيو ته ٻئي مولڪي ٻيو سمجهي مون سان ٺٺولي ٿا ڪن سو منهن ڦيرائي ٻنان ڪنهن جواب ڏيڻ جي چپ چاپ وڃي رهيو. تڏهن لال صاحب جن ٻيو دفعو چوڻ لڳا. تنهنتي شيخ، مومڻ ٻنهي ڇوڪرن کي ڏسي چيو ته "هي بالڪو! ٻار ٿي ڪري وڏن سان ٺٺولي ٿا ڪريو. ڀلا توهان وٽ اترا روپيا ڪٿان آيا جو ٻني کوهه سميت ٿا خريد ڪريو؟"

تڏهن لال صاحب مشڪي چوڻ لڳو "هي ٻڍا مڙس! ٺٺولي ڪو نه ٿا ڪريون. سچ پچ کوهه سميت ٻني وٺڻي آهي. تون جهڪي ۾ من گهريا روپيا گهرندين، سي مان توکي ڏيندس. تون فقط ڏيڻ جي ڳالهه ڪر، ها يا نه؟ پوءِ ڏس توکي اتي جو روڪڙ ڳڻي ٿا ڏيون تڏهن شيخ، مومڻ چيو ته "چڱو مان توهان کي ٻني کوهه سميت ڏيندس، پهرياڻن روپيا ڏيکاريو پوءِ ضرور مان توهانکي ڏيندس."

ٻيڙو ٻڏڻ کان بچائي ڪنڌيءَ سان لڳايو ۽ ميڙيءَ ٿان لهي درياهہ جي وچ ۾ جيڪو ٽڪر پهاڙ جو هو ان مان لنگهي مٿي چڙهي وڃي بيٺو. درياهہ مان ۽ ٽڪر مان اوچتو هڪ مهاپرش جو نڪرڻ ۽ ٽڪر کي گهمندو ڏسي درياهہ جي ڪپ تي بيٺل ماڻهن کي ڏاڍو عجب لڳو. پوءِ پرمانند ۽ طاهر مهاڻي کي پڪ ٿي ته هيءُ مهاتما نصرپور وارو اڏيرو لال آهي ۽ سڀيئي چوڻ لڳا هي ته جيئرو پير آهي. اهڙي حيرت ۾ وجهندڙ ڪرامت ڏسي سوداگر ۽ ٻين ڪن گڏجي سکر ۽ روهڙي درياهہ جي وچ ۾ ٽڪر تي هڪ ٿان ٺهرايو، جنهنجو نالو جنده پير رکيو، جو اڄ ڏينهن تائين قائم آهي.

ادياءُ ڇهون

لال صاحب جن جو مندر ٺهرائڻ

لال سائين سڀني شهرن جو سير ڪري جڏهن ڪم کان واندو ٿيو ۽ جڏهن ٻارهن سالن جا ٿيا تڏهن صاحبن ويچار ڪيو ته هندن لاءِ اهڙو ڪو ڌرمي استان ٺاهجي، جو ساريءَ سنڌ ۾ هڪ تيرٿ سمان ليکجڻ ۾ اچي ۽ هر سال سڄي سنڌ جا پوڄاري اتي اچي هڪ ٻئي سان ملن ۽ ڀين ڀاو جو رس وٺي ڀاڳ ۾ پريم وڌائين. اهو ويچار ڪري پنهنجي ڀاءُ ڪيٺورام کان جيئن تيئن ڪري سندس پٽ ڪوڏڻمل کي ساڻ وٺي ٻاهر ڪندا گهمندا گهمندا نصرپور کان ڏهہ ميل پري هالن تعلقي جي

منجهند جي وقت اُس ۾ کوهه وٽ ايندا هئا. ان وقت
لڪي ليز اُس جي هنڌ ڪري صاحبن هڪ ڪاٺي جو
ٽڪر کڻي زمين ۾ کوڙيو. لال سائينءَ جي ليلا سان
ان ڪاٺيءَ مان هڪ شاهي کٻڙ جو وڻ اڀري مٿن ڇانو
ڪري بيٺو. پوءِ لال صاحب جن ڪوڏر راءِ سان گڏ ان
وڻ جي ڇانو هيٺان ويهي رهيا. اهو وڻ اڃان تائين قائم
آهي. ان وڻ کي **ماڻڪ ڏارو** ڪري چوندا آهن.

ٿوري دير ۾ ٻئي زال مڙس شيخ ميمڻ ۽ سمدس زال
اتي اچي پهتا ۽ قدرتي وڻ اڀريل ڏسي عجب ۾ پئجي
ويا. ٻئي زال مڙس صلاح ڪري لال سائين کي چوڻ
لڳا ته ”سائين! توهين ڪرامت جا ڌڻي آهيو ۽ خدا جا
پيارا ولي آهيو، تنهنڪري اسان کي اهو ٻڌايو ته هيءُ
کوهه ۽ ٻيو وڻ ڪهڙي ڪم ۾ آڻيندا؟ شيخ ميمڻ ۽
سمدس زال جي ڳالهه ٻڌي لال صاحب چوڻ لڳو ته
”مان هتي کوهه وٽ هڪ پوتر پاڪ استان پڪيتي پڪين پاو
لاءِ ٺهرائيندس. اهڙي هنڌ تي عام ماڻهن جي سک ۽
سهنج لاءِ هڪ کوهه هئڻ ضروري آهي، جتي هر ڪو
اچي ٿڌو پاڻي پي آسائش وٺندو.“ لال صاحب جون
اهي ڳالهيون ٻڌي ٻئي زال مڙس هٿ جوڙي چوڻ
لڳا ته ”سائين! هيءُ کوهه ۽ زمين سڀ اوهان جي ملڪيت
آهي. اسان کي ان جي عيوض ڪجهه به روڪڙ (پئسو)
ڪونه گهرجي، ڇو ته هن وقت اسان ٻئي زال مڙس ٻڍا
ٿي ويا آهيون، پر اسانکي ڪو به اولاد ڪونه آهي

شيخ ميمڻ جا اهي وچن ٻڌي لال صاحب جن ٻنهن
جي نيزي سان ڌرتيءَ تي ٻه ليڪا ڪڍي زمين کوٽي
ته اندران اڪت سون جون مهرون هيرا ۽ جواهر
نڪري آيا. پوءِ لال صاحب ميمڻ کي سڏ ڪري چيو ته
”توکي هتان جيڪو به ڌن مال سون، هيرا، جواهر
گهرجن سو کڻ ۽ کوهه ۽ ٻيءَ اسان کي ڏي،“ لال سائين
جي اهڙي ليلا ڏسي شيخ ميمڻ سمجهڻ لڳو ته هيءُ
ٻالڪ شايد نصرپور وارو اُڏيرو لال آهي. هيءُ ته ٻار نه
آهي پر ڪو اولياءُ ٿو ڏسجي. سو هيءُ عام جنتا جي
سک ۽ سهنج لاءِ کوهه ۽ ٻيءَ ٿو وٺي، تنهنڪري اهڙي
ثواب جي ڪم لاءِ مان ضرور هن کي کوهه ۽ ٻيءَ
ڏيندس. من ۾ اهو ويچار ڪري لال سائينءَ کي هٿ
جوڙي وينتي ڪري چوڻ لڳو ته ”سائين! هي ته کوهه
۽ ٻيءَ ٿا گهرو ليڪن مان پنهنجو سر به ڏيڻ لاءِ تيار
آهيان، پر اول زال سان صلاح ڪري پوءِ اوهان کي
جواب ڏيندس. توهان اتي ٿوري دير ترسو ته مان ان
کان جهٽ پڇي ٿو اچان ها نه هن کي توهان جي روبرو
وٺي ٿو اچان.“ تڏهن لال صاحب چيس ”چڱو تون ڀل
وڃي زال سان صلاح ڪري جواب ڏي تيستائين مان
هت ويٺو آهيان.“ لال صاحب جن جا اهي وچن ٻڌي
شيخ ميمڻ لال صاحب کي کوهه وٽ ويهاري پاڻ گهر
ويو ۽ وڃي سمورو حال ٻڌائي صاحبن وٽ وٺي آيو.
هيڏانهن لال سائين ميمڻ جي وڃڻ کانپوءِ ته اونهاري

گگن گهوڙي تي چڙهي مٿي ڏکر ڪيل ماڻڪ ٺاري وقت اچي بيٺي قدرتي آئيل وڻ جي واڄهو اچي بيٺا ۽ زمين ۾ نيزو هنيائون. نيزو هڻڻ سان زمين پاڻمرداو ڦاٽي پيئي ۽ جل جي نهر جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. ان وقت شري اڏيري لال صاحب جن زمين ۾ اندر پيهي الوپ (انتر ڌيان) ٿي ويا . ان وقت لال سائينءَ جي عمر ١٢ سالن جي هئي ۽ ٻئي سڌي چوڏس جو ڏينهن سمت ١٠٢٠ هو . جنهن هنڌ لال سائين زمين ۾ پيهي ويا، اتي هن وقت ٻالڪپڻي جو کوهه آهي. ڪي لکن ٿا ته لال صاحب گهوڙي سميت، جنهن جو نالو گگن گهوڙو هو، جو پاتال ۾ پيهي ويا. ڪي وري لکن ٿا ته گگن معنيٰ آسمان، انهيءَ ڪري گهوڙو آسمان ڏي اڏامي ويو. اهو اچرج جهڙو واقعو جهجهن جي ڳوٺ ۾ ڏسي هندو مسلمان سڀ وائڙا ٿي ويا. ان وقت ٿوري مينهن جي بوند پوڻ لڳي، جهڙ ٿي ويو آسمان مان ديولائن گلن جي ورکا ڪئي، سڀئي شيوڪ جئه جئه جا شبد اُچارڻ لڳا، ديکيون چڙهي ويون ۽ نگارو ڪلي ويو. ماڻهن ۾ پريم جاڳيو ۽ خوب پڇن پاو ڪرڻ لڳا. لال صاحب جن جي انتر ڌيان ٿيڻ ڪري ٺڪر ڪيتو رام ۽ ٺڪر پگر ڏاڍو اُداس ٿيا .

لال سائين جي انتر ڌيان ٿي وڃڻ جي خبر چئني پاسي ٻجليءَ وانگر ڦهلجي وئي هندن طرفان ٺڪر پگر راءِ ۽ مسلمانن طرفان شيخ ميمڻ ۽ نواب مرڪه شاه حڪومت

تنهن ڪري توهين ڪرامت جا ڌڻي آهيو ۽ اسان کي
آسيس ڪريو ته اسان کي اولاد ٿئي. اسان اولاد لاءِ
ڏاڍا سڪايل آهيون توهين خدا جا پيارا ولي آهيو،
اسان تي رحم جي نظر ڪريو ته اولاد ٿئي ۽ اهو اولاد
هت ٺهرايل ڌرم استان (درگاهه) تي مجاور ٿي سيوا
ٽهل ڪندو رهي."

شيخ، ميمڻ ۽ سندس زال جا اهي وچن ٻڌي انهن
کي آشيرواد ڏني ته "توهان کي اولاد ٿيندو. جيڪڏهن
اهو هن دربار جي سيوا ٽهل ڪندو رهندو ته ڪيس
ڪابه ڪمي نه رهندي." لال صاحب جي آشيرواد سان
ميمڻ کي اولاد ٿيو، هو مجاور ٿي رهڻ لڳو. ان ڪانپوءِ
سندس اولاد اڄ ڏينهن تائين مجاور ٿيندو آيو آهي.
لال صاحب جو ناموس ٻڌي شهر جا ماڻهو درشن ڪرڻ
لاءِ ساڻن وٽ آيا. لال صاحب کي دربار جي بندوبست
ڪرڻ لاءِ ٿورو وقت اتي ترسڻو پيو. اتي ڏهاڙي ستسنگ
ڀڄن پاٺ ميلا ۽ ڀنڊارا چالو ڪري ڇڏيا. آس پاس جون
پنچائتيون ۽ هري ڀڳتن جون ٽوليون اتي اچڻ لڳيون
پوءِ لال صاحب جن ٺڪر کيٽورام ۽ ٺڪر پڳو کي
نصرپور مان جهجهن ڳوٺ ۾ گهرائي سمجهايو ته "اوهين
منهنجي انتر ڌيان ٿيڻ ڪري دک نه ڪجو ڇو ته هريءَ
جا ڀڳت ۽ اوتار جڳت ۾ ڌرم ۽ مريادا قائم رکڻ لاءِ
سدائين اچن وڃن ٿا. انهن جي جدائي ۽ وڇوڙو نه سمجهي
انهن لاءِ دک بلڪل نه ڪرڻ گهرجي." ائين چئي لال صاحب

اها آڪاش واڻي ٻڌي سڀئي هندو مسلمان ڏاڍو خوش ٿيا. آڪاش واڻي موجب مرڪ شاهه جهيڄن جي ڳوٺ ۾ مندر درگاهه جي چوڌاري قلعو ٺهرايو. مرڪ شاهه جو ٺهرايل مقبرو، لال سائين جي سماڌي ۽ جوت، ڪرامتي وڻ، کوهه، باغ، وغيره آهن. هندن ۾ آڪاش واڻيءَ موجب جتي لال صاحب جن انتر ڌيان ٿيا هئا، اتي پڪو سخت هڪڙو سندر عاليشان مندر ٺهرايو، ان هيٺ کوهه پڻ کوٽايو.

ان جي جل مان جنهن سـ ٿي سنان ڪيو. انهن جڻ گنگاجيءَ ۾ ٽٻي ٿي ڏني. ان کوهه جو نالو ٻالميو آهي. ٻسال معني ٽاڙو نڪتل، انيو معني پاڻي. ٻالميو معني ٽاڙو نڪتل پاڻي، ان کوهه جي لڳو لڳ هڪڙو پيدارو ٺهرايو، جتي هرڪو ٻالري سيسا ڪٽڪو کائي پاڻي پيئي.

ان ٿان جي ٻرسان جوت چوڪنڊي، ڪچهري ۽ ٻيون اڏيرون ٺهرايون. ٿان جي پاسي ۾ هڪ قبو ٺهيل هو، ان جي ٻرسان جوت جو استان ٺهيل هو، جتي هميشهه اکنڊ جوت جڳندي رهي ٿي. مسلمانن جو اولاد مجاور ٿي رهڻ لڳا ۽ قبي جي پيٺا مجور ڪٽڻ لڳا ۽ ٺڪرن جي پارن هڪ ٻاڻو لال صاحب جي ٿان ۾ رهي ٿو. جنهن وقت سڀ سامان ۽ مندر جو حساب ڪتاب ۽ ڪنجيون رهن ٿيون. ٺڪرن جي نـ هٿڻ ڪري ۽ دربار جو سڄو ڪاروبار ٻاڻو هلائيندو آهي. انهن جي ڪومت واڌ پڳ ٺومت ۽ مرمت جو ڪم سنڌ ڪڇ ۽ پنجاب پنچايت ڪندي آهي هر سال ۾ مقرر

طرفان ٽيئي ان جاءِ تي پنهنجو حق ڄمائڻ لڳا. هندو چون ٿا لال صاحب هندن جو گرو آهي، شيخ چون ٿا مسلمانن جو مرشد آهي. نيٺ مرڪ شاهه سيد سان صلاح ڪري چيو ته رات جو هندو ۽ مسلمان سڀ ملي لال صاحب جو ڌيان ڪريو ته پوءِ جيئن اهي چوندا، تيئن ڪيو ويندو. نيٺ مرڪ شاهه جي صلاح مڃي سڀئي هندو مسلمان گڏجي لال صاحب کي سچيءَ دل سان پڪارڻ لڳا. پنهنجن پريمين جي پڪار ٻڌي لال صاحب جن آڪاش واڻيءَ ۾ چيو ته "جيئن مان سڀني لاءِ ساڳيو آهيان انهيءَ موجب هن جاءِ تي نواب مرڪ شاهه پلي مقبرو اڏائي ته مسلمان مقبري کي سجدو ڪندا رهن ۽ شيخ مومڻ جي اولاد کي مجاور ڪري رکيو وڃي. ان مقبري وٽ شام جو پنج جوتي ٻاري وڃي ان جي پاسي ۾ سماڌي جوڙي وڃي، جتي امر جوت جاڳندي رهي ۽ جوت ۽ مورتي هندو استاپن ڪن، هنجي شيوا جو حق ٺڪرن کي ملي هندو توڙي مسلمان پاڻ ۾ رلي ملي هڪ سمان ٿي هلن. ڏات نه آهي ذات تي جو وهي سو لهي، تربت ۽ سماڌي ٻئي برابر آهن، قبو ۽ مندر ٻئي هڪ سمان آهن ته مسلمان پل قبو ۽ تربت ٺهرائين جنهن ڪري ڪنهن کي اچڻ ۽ وڃڻ جي تڪليف نه ٿئي. هندو ٺڪر ڀڳوان جي پرسان درٻار ۾ پنج جوتيون رکي ۽ قبي اندر سڀ شيوا ٽهل پاڻ ڪريو. قبي جي پرسان جوت جاڳايو، پڳر ۽ ٻيا هندو مندر ٺهرائين جتي اکنڊ جوت جاڳندي رهي."

جو ماڻهو ان وقت من ۾ آشا رکي ويندو هو ته ان جي
آس اوس پوري ٿيندي هئي. هو نرڌن کي ڌن، نپٽن
کي پٽ ڏيڻ وارو ۽ دکين جا دک دور ڪرڻ وارو
هوندو هو ۽ جيڪو به سچو صدق من ۾ رکي وڃي ٿان
۾ شيوا ٽهل ڪندو هو ان کي شيوا جا ڦل ميوا اوس
ملندا هئا. انيڪ پوڄارين جا لال صاحب ڪارج راس
ڪيا. اسان کي به انهن پوڄارين وانگر سچو صدق،
سچي ڀاوَنا، سچي شردا ۽ وشواس رکڻ گهرجي پوءِ ڏسو
ڪيئن نه لال صاحب ڀاونا جو ڀاڙو ٿو ڏئي. لال سائين
سڪ ۽ پريم جو بکيو آهي، جهڙيڪري ڪوئي به پراڻي
من ۾ سڪ ۽ پريم رکي لال صاحب جو ڌيان ڪندو ته ان
تي پرسن ٿي هن کي دنيا جا سڀ پدارٿ ۽ پنهنجي
ڀڳتي ڏئي ٿو. لال صاحب جا پوڄاري جنهن وقت هٿ
۾ ڏونڪا کڻي ڇيڇ هڻندا آهن ۽ مٺي آواز سان لال سائين
جا پنجڙا ڳائيندا آهن ان وقت سڀني کي ڪهڙو نه آنند
ايندو آهي ۽ الي ٻهي ڏسڻ مهل موج ۾ اچي سڀئي
جهولڻ لڳندا آهن ۽ خوشيءَ ۾ پڙجي لال جا جهانئي ڇڏر
جهولي لال- جا نعرا هڻندا آهن. ان وقت انهيءَ آنند جو
ڪهڙو بيان ڪجي. جن کي موج آئي هوندي ان کان
پڇي ڏسو. ان موج جو بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي.
لال صاحب جا پوڄاري هر ڪنهن چنڊ ۽ تارونءَ لئي
نصرپور وڃن ٿا، لن جڏهن آنند ڏٺو هوندو لڏهن نه
ڪو به چنڊ يا تارون نٿا گسائين. انيڪ دک تڪليفون

ٽيل ڏيهن نت مهيني موجب، جنهن ٽارون ڇوڏس ۽ جيڏي ڇنڊ اُسو ڇنڊ تي تمام زبردست ميلا لڳندا آهن.

اڌياءُ ستون

شري امر اڏيري لال صاحبن جي اُستتي

موں ۾ ايتري سمرٿي ڪانه آهي جو مان لال صاحب جن جي اُستتي ڪري سگهان. هن لاءِ جيو ڪي کهڙي طاقت آهي جو ان ڀڳوانت جي اُستتي لکي سگهي، پر تڏهن هوندي به پنهنجي ٻل، وت آهر ۽ ٻڌيءَ انوسار ان پار برهم جل جوتي سروپ اڏيري لال صاحب جنهڪو نرگڻ نرنڪار سرو شڪتمان انتر يامي آهي، جنهن جو جل جوتيءَ جي ڌيان ڪرڻ سان جهٽ پٽ سڀ من جون مرادون پوريون ڪن ٿا. انيڪ لال جا پوڄاري نصرپور ۾ هميشه ڇنڊ ٽارونءَ تي ڏاڍي سِڪ ۽ پريم سان لال صاحب جن جي ٿان ۾ درشن ڪرڻ لاءِ وڃن ٿا جن جي سچي شرڌا هئڻ ڪري نه واچ ڏسن نه مينهن ڏسن، نه سردي ڏسن نه گرمي، پنهنجي نت نيم موجب درياهه ۾ اکو پائڻ ۽ جوت جڳائڻ ۽ ٿان ۾ متو ٽيڪڻ لاءِ وڃن ٿا ۽ ڪڏهن به اهڙو نيم نه ٽاريندا آهن. اهڙن شرڌالو ۽ پريمين جا لال صاحب ٻمان ڪڏهن گهرڻ جي، انهن جا ڪارج راس ڪندو آهي. شري لال صاحب جي در تان ڪڏهن به سوالي خالي نه ويندو آهي. هن وقت ٻالڪ ٻڍا جوان ۽ زالون. مطلب ته کهڙي به ذات

جو سمرڻ ڪندو رهي، پوءِ جڏهن جي جهڙي ڀاونا هوندي ان کي ان موجب ڦل اوس ڏيندو.

اڌياءُ اٺون

جل ۽ جوتيءَ جي پوڄا جو مهاتم

شري لال صاحب ڀڳوَت سمت کي گادي ڏيڻ وقت جل ۽ جوتيءَ جي مهما ٻڌائي هئي ته جل ۽ جوت جي پوڄا ڪرڻ بابت جيڪو اُپديش ڏنو هو، سو هيٺ ڏجي ٿو. شري لال صاحب ڀڳوَت سمت کي اُپديش ڏنو ته ”پوڄارين شيوڪن ۾ جل جوتي جو پرچار ڪندو رهه.“ آڳاٽي زماني ۾ پنڊت ودوان ۽ رشي مني سڀ گائتري منتر جو جپ ڪندا هئا، چاڪاڻ ته گائتري منتر جو جپ مکيه ايشور جي اُپاسنا ڪري ليکجي ٿي. ان گائتري منتر کي برهم گائتري ڪري چوندا آهن. گائتريءَ کي سنڌيا به ڪري چوندا آهن. هڪ سنڌيا صبوح جو سوير ۽ ٻي سنڌيا سانجهيءَ جي وقت ٿيندي آهي. اها سنڌيا ڪرڻ کان اڳ ۾ برهمڻ پنهنجي سوير ئي پاڻيءَ جو چنبو هڻجي، تنهن کان پوءِ جل ديوتا جي اُستتي ڪري پاڻيءَ جي ڌار وجهي، پوءِ سورج نارائڻ ڀڳوان جي پرارٿنا ڪجي.

گائتري منتر

اوم، ڀور، ڀوه، سوه، تت سوتر ورڻيم،
ڀرگو ديو سيه ڌي مهي، ڌيو يو نه پرچوديات.

گائتري منتر جو ارٿ

هي سچدانند پرڀو! تون هين آنند سروپ آهيو. هي

سڀ ڏنڊا ڏاڙي بند ڪري وڃن ٿا. ان کان ۽ وڌيڪ لاڀ انهن کي ملي ٿو تہ هو سيڙجي وڃن ٿا. هرڪو منش سکہ سمپتي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندو آهي. انهيءَ ڪري اهي لال سائين جي ٿان ۾ وڃي سڀ سکہ حاصل ڪن ٿا. لکين هزارين سوالي هن جي در تي سر جهڪائين ٿا. ڪي دنيا جا پدارٿ گهري وٺن ٿا، ڪي وري سچي ڀڳتي ڪري موکش مڪتي حاصل ڪن ٿا. لال صاحب پنهنجي ڀڳتن جا ڪارج سدائين پار ڪري ٿو.

لال صاحب جو پوڄاري جيڪو نت نيم سان هر روز درياهہ ۾ اکو پائي ۽ لال صاحب جي جوت جو درشن ڪري ٿو، تنهن جا لال سائين سڀ ڪارج راس ڪري ٿو. اڄ ڏينهن تائين ڪيترائي زالون ۽ مڙد سچي پريم ۽ شردا سان صبوح ۽ شام جو درياهہ شاهہ تي چانور ۽ کنڊ جو اکو پائي هار يا گل درياهہ ۾ وجهي، لال جا پنجڙا ڳائيندا آهن ۽ پوءِ لال صاحب جي جوت جو درشن ڪري، ڏاڍو پرسن ٿيندا آهن. هميشه اهڙيءَ رٿ ڪرڻ سان لال صاحب ضرور اچي اوکيءَ ۾ مددگار ٿيندو ۽ ان جا هڪ ڪن ۾ سڀئي ڏکہ دور ڪري ڇڏيندو. لال صاحب جي پوڄا ۽ سيوا ڪرڻ ۾ ڪو خرچ آهي نہ ڪائي تڪليف آهي، فقط سک ۽ پريم سان نت روز درياهہ تي وڃي اکو پائي لال سائين جي ٿان ۾ وڃي جوت جو درشن ڪري ۽ من ۾ لال سائين

ٻڌران پلڪ پائڻ جي وقت جيڪا به پراڻدا آهي سا جل
۽ جوت جي شيوا سيدي ٿي جاڻن ۾ سگهي ۽ اُم شيوا
آهي. جل جوت ايشور جي پرماتما ٻڌي مورت آهي.
ايشور نرگڻ نراڪار آهي ۽ جل ۽ جوت جي شيوا ڪرڻ
جڻ ايشور جي ڌيان ڪرڻ برابر آهي. اونڪار جوت
جو سروپ آهي ۽ جل پرلو ۽ اُم وستو آهي پرلي وقت
اهي ٻئي وستو وڃي ٻچندڙ ون آهن. وري جڏهن برهما
سرشٽي پيدا ڪندو تڏهن جل ۽ جوت مان سڀ وستو
پيدا ڪندو پرڪاش هئڻ ڪري سڀ ڪجهه ڏسي
سگهجي ٿو. پاڻي هئڻ ڪري ٻئي ۾ ٻج وجهڻ سان هرقسم
جو اَن اُپجي ٿئي ٿو. توهين به جڏهن جل ۽ جوتي جو
پوڄن اُم جاڻي وڏي موجب جيڪا جوت استاپن
ڪيل آهي، ان استان کي پوتر تيرٿ سمان سمجهي
ايشور جو ڌيان ڪندا تنهن کي دنيا جو ڪو به دک پاپ
۽ تاپ نه ستائي ۽ هو هن لوڪ مان مڪت ٿي وڃي
ٿو. جل ۾ به ايشور پرماتما رهي ٿو تنهنڪري جل جو
نالو نارائڻ آهي، جل ۾ جنهنجو گهر آهي. درياه جي
ڪپ تي واهي، ڀڳوننت نام جپڻ انهو ڌيان ڪرڻ
جڻ ايشور جي در تي سوالي ٿي، ان کي ياد ڪرڻ ۽
ان کان دان گهرڻ مثل آهي. تنهنڪري درياه جي
ڪپ تي واهي هري جو ڌيان ڪرڻ يا نام جپڻ اُم
آهي. وڏا وڏا رشي مني ۽ تپسوي هميشه درياه

پتا ! اهو آنند ۽ راحت مان توهان کان گهران ٿو. توهين شڌ ۽ پوتر آهيو مان توهان کان شڌتائي ۽ پوترتا جو دان گهران ٿو. توهين پرڪاش جا به پرڪاش آهيو. هي پتا ! مان اَنڌڪار اونداهه اوديا ۾ ڦاسي هميشه پرڪاش مڙهه جيون جي راهه جو پانڌيئڙو ٿجي، پرڪاش جي اکنڊ جوتي جلائيندو رهان. هي ديون جا ديو! مان هن جڳت ۾ نيڪ منش، نيڪ ڪرمن وارو، نيڪ آچرن وارو ۽ شيواداري پرش ٿيان. پرائيءَ مال جي ڀلائي، پرائيءَ مال لاءِ سد پاونا منهنجي دل ۾ ٻرندي رهي. هي پريو! مونکي وردان ڏيو ۽ مونکي ميڌا ٻڌي ڏيو ته مان ڪڏهن به ڪونه ڪرمن ۾ نه ڦاسي پوتر جيون ماڻيندو رهان. هي پريو! مونکي طاقت ڏيو، توفيق ڏيو ته مان توهان لاءِ، پاڻ لاءِ، جڳت لاءِ نيڪ منش ٿيان نيڪيءَ جي راهه ۾ ٿي رتل رهان.

هن ڪلجڳ جي وقت ۾ سنسڪرت وديا گهٽ پڙهڻ ۾ اچي ٿي جنهنڪري سنڌيا گائتري جو منتر بلڪل ٿورا ماڻهو ڄاڻن ٿا. تنهنڪري لال صاحب جن اسان تي (ڪلجڳي) ماڻهن تي ديا آڻي اسان جي ڪلياڻ لاءِ سنڌي گائتري جو منتر تمام سوليءَ سنڌيءَ ۾ آڻي، ان تي عمل ڪيو ۽ پڳر سنت کي آگيا ڏني ته تون جوتي سروپ جو ٿان استاپن ڪر ان جاءِ تي جل جي جهاڙي رکاءِ. ان جهاڙي مان ڇنڊو ۽ ڏات وٺي، مٿي لکئي موجب جوتي سروپ جو ڌيان ۽ شيوا ڪر. گائتري منتر جي

ڪرائجي جنهن مان ڪوئي سنتان پيدا ٿئي ۽ منهنجي من جي آشا پوري ٿئي ۽ گادي بہ هميشہ قائم رهندي اچي . اهو من ۾ ويچار ڪري پنهنجي ڳوٺ مان ٺسي هڪ شاهوڪار جي ڇوڪري جاچ ڪري پنهنجي پٽيءَ سان سموري ڳالهہ ڪري، شادي ڪرڻ لاءِ آگيا ورتي. پڳر صاحب جي آگيا ملڻ وقت پنهنجي من ۾ ڏاڍو خوش ٿي. شاديءَ جو مهورت ڪيائين هڪدم شاديءَ جون تياريون ڪرڻ لڳي .

پڳر سنت جي شاديءَ ڪرڻ جي خبر سڄي ڳوٺ ۾ ڦهليءَ وانگر پکڙجي وئي . گهر گهر ۾ خوشيون ٿيڻ لڳيون ٻندب ٻاجا شهنايون وڄڻ لڳيون ۽ شادي ڏاڍي ڌام ڌوم سان ٿي . پڳر سنت جڏهن ڪنوار کي وٺي گهر آيو ان وقت جاٽي جاٽهار لال صاحب جن اچي الي پرگهٽ ٿيا ۽ پڳر سنت کي آگيا ڏني تہ ” پنهنجي شادي ڪيل نئين ڪنوار کي پرائن پٽ ۽ هن کي امان ڪري سڏ“ لال سائين جي آگيا ٻڌي پڳر سنت صاحبن جي چوڻ موجب نئين ڪنوار کي پرائن پٽي هن کي امان ڪري سڏيو. تنهن ڪانپوءِ پڳر سنت هٿ ادب جا ٻڌي چيو تہ ” سائين! هيءَ لوهاڻجي ڪهڙي عجب ليلا آهي ؟ تنهن ڪان تہ پرائين اچي شادي ڪرڻ کان روڪيو هان.“ تڏهن لال صاحب چيو ”هي سنت! ڳالهہ هن رهت آهي تون تہ پان ڏٺي ٻڌ. اڳئين جنم ۾ هڪ مهاتما رشي جهنگل ۾ تپسيا ڪندو هو. هن کي ڪنهن

جي ڪپ تي ڪٽيا يا جهوپڙي، تاهي دونهين دکائي وانهي پوڄن ڪندا آهن.

لال صاحب پکُر سنت کي به اهوئي اُپديش ڏنو هو ته جل ۽ جوت جي سيوا ڪندو رهجي ۽ مهنجو نالو هردي ۾ وٺندو رهجي. صبوح جو سوير اٿي جل ۽ جوت جو درشن ڪجي، جتي جل آهي ان هنڌ مهنجو نواس آهي، اهڙي ڀاونا من ۾ رکي مهنجي نام جو منتر سدائين جپيندا رهو. شري لال سائينءَ جي ٻهراڻي ۾ ٻهو ٻائين لال صاحب جو ڀوڳ ڪيندا آهن ۽ پوءِ امان صاحب جو ڀوڳ ٺار ڪڍي پوءِ سيسا ورهائيندا آهن. شري اڏيري لال صاحب جا پوڄاري ٿارونءَ ۽ چنڊ تي درياهه تي انيڪ قسمن جا ميوا انب، ڪيلا، صوف، عطر ۽ خوشبوئدار گل به درياهه ۾ وجهندا آهن. مصري ۽ ڏيگ پڻ لال صاحب جي نمت درياهه ۾ پرواهه ڪندا آهن اها جل جي پوڄا آهي. انهيءَ ۾ لال صاحب جن خوش ٿيندا آهن.

اڏياهٺ ناڻون

امان صاحب جي ڪٿا

پکُر سنت کي شادي ڪئي ڪيترا سال گذري ويا هئا ليڪن پکر سنت کي پنهنجي ڌرمپتنيءَ مان ڪو به اولاد ڪونه ٿيو. هڪ ڏينهن سندس ڌرمپتنيءَ من ۾ ويچار ڪيو ته شايد مهنجي ڀاڳ ۾ ڪو به اولاد لکيل ڪونه آهي، ڇهنڪري ڇو نه پتيءَ کي چئي ٻي شادي

ڇوڪر نه مڃيندا هوا ته هو هڪدم سراپ ڏيندا هوا. انهيءَ ڪري ٿي راجا رشيءَ جا اهي وچن ٻڌي ان کي ڌيءَ ڏيڻ قبول ڪئي، هڪدم وهانو جون تياريون ٿي ويون ٻنهي پاسا شهنايون وڄڻ لڳيون، گهر گهر ۾ خوشيون ٿيڻ لڳيون. پوءِ رشيءَ کي سنان پاڻي ڪرائي، نوان ڪپڙا پهرائي مڪٽ مٿي تي ٻڌي گهوڙي تي چاڙهي وهاريو. ان وقت رشيءَ پاڻ کي گهوٽ ٿي گهوڙي تي چڙهيل ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. گهوٽ کي گهوڙي تي چاڙهي دهل دمام شهنايون وڄائيندا جڏهن جڃ ڪنوارِ جي گهر پهتي تڏهن دهلارن دهل شرنايون بند ڪيا ۽ رشيءَ کي گهوڙي تان هيٺ لاٿائون پر ان رشيءَ دهلارن کي چيو ته ”دهل وڄائڻ بند نه ڪريو. دهل وڄائڻ بند ڇو ڪيا اٿو.“ انهن چئي رشي وري گهوڙي تي چڙهي ويٺو ۽ مڪٽ لاهڻ نه پيو ڏئي.

رشيءَ وهانو ڪرڻ جو مطلب انهن سمجهيو ٿي ته رڳو گهوٽ گهوڙي تي چڙهي گهمندو رهي، دهل ۽ شرنايون وڄندا رهن ۽ سڀ لوڪ خوشيون ملهائيندا رهن. ڪيترن ماڻهن رشيءَ کي گهڻو ٿي سمجهايو ته هاڻي گهوڙي تان لهي ڪنوار سان هٿيالو ٻڌي ۽ ويديءَ تي ويهڻو آهي. پر ان رشيءَ ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري گهوڙي تان هيٺ لهي مڪٽ ۽ ڪپڙا لاهي ڇوڪر لڳو ته ”بس هي وهانو ٿي چڪو. مان ڏاڍو خوش ٿيس. هاڻي مان موٽي

ٻ ڳالھہ جي اڇا ڪانہ ھئي ۽ نڪا وھانو ڪري گرھست
ڪرڻ جي خبر ڪائي ھيس. ھڪ ڏينھن اھو مھاتما
گھمڻ جي ارادي سان شھر ۾ آيو تہ ڇا ڏسي بئنڊ باجا
شھنايون ٻيون وڄن، ماڻھو ڏاڍيون خوشيون ملھائي رھيا
آھن. ھڪ نوجوان گھوڙي تي چڙھيل ۽ مٿي تي سھڻو
مُڪٽ ٻڌل ڏسي وائڙو ٿي ويو. ڇاڪاڻ تہ ھن سڄي
ڄمار جھنگل ۾ گذاري ڏٺو ھو، اھو تماشو ڏسي اتي
بيٺل ماڻھن کان پڇيو تہ "ھي ڇا آھي ۽ گھوڙي تي چڙھيل
ڪير آھي؟ توھين ڇو خوشيون ملھائي رھيا آھيو؟" تنھن
تي اتي بيٺل ماڻھن چيس "ھي مھاتما! ھيءُ نوجوان
جيڪو گھوڙي تي چڙھيل آھي، انجو وھانو آھي، انجي
شاديءَ جون خوشيون ملھائي رھيا آھيون." اتي بيٺل
ماڻھن جي اھا ڳالھہ ٻڌي رشيءَ جي من ۾ اڇا ٿي تہ
ڇو نہ مان بہ وھانو ڪريان، ڇو تہ شاديءَ ۾ ڪھڙا نہ مزا
آھن. ڍھل شھنايون وڄن ٿيون گھوڙي تي چڙھبو
تہ اھو ويچار ڪري رشيءَ انھن ماڻھن کي چيو تہ
"مان بہ شادي ڪندس." تنھن تي انھن ماڻھن رشيءَ کي
چيو تہ "جيڪڏھن توھان کي شادي ڪرڻي آھي تہ
اوھان راجا وٽ وڃي سندس ڌيءُ جو سنگ گھرو."
ماڻھن جي اھا ڳالھہ ٻڌي رشي ھڪدم راجا وٽ ويو
۽ راجا کي چيائين "ھي راجا! مونکي پنھنجيءَ ڌيءَ
سان شادي ڪرائو." انھيءَ وقت ۾ راجائون رشين منين
کان ڏاڍيو ٻ ڊڄندا ھئا، ڇاڪاڻ تہ جيڪڏھن ھنن جو

جل ۽ جوت جو پرچار ڪري ڌرم وڌائي، سڀني ماڻهن ۾ پرڀم جي جوت جڳائي، پنهنجو نالو ڪيو. ڪجهه وقت کان پوءِ امان صاحب من ۾ ويچار ڪيو ته، هن وقت منهنجي زندگي به اچي پوري ٿيڻ تي آهي ۽ وڃڻ جو وقت به اچي ويجهو پهتو آهي پر گاديءَ سنڀالڻ وارو ڪو به نه آهي. انهيءَ چنتا ۾ وياڪل ٿي پڪو نشچو ڪري پڳر سنت کي واپس گهرائڻ لاءِ ۽ گادي قائم ڪرڻ لاءِ درياهه جي ڪپ تي وڃي لال سائينءَ کي پلئه پائي پرارٿنا ڪري پڪارڻ لڳي. انترجامي لال صاحب امان صاحب جي درد ڀري پڪار ٻڌي ڪيس پاڻيءَ مان غيبي آواز ۾ چيو ته ”توهان جون منو ڪامنائون پوريون ٿينديون ۽ پڳر سنت اوهان وٽ وري موٽي واپس ايندو.“

اهو ازغيبي آواز ٻڌي امان صاحب جل مان ٿي ڏاڍيون وٽي سرهي ٿي جل جو چلهو هٿي جيئن ئي واپس گهر پهتي تيئن پڳر سنت کي گهر ويٺل ڏٺائين پڳر سنت جي وري اچڻ جي خبر سڄي ڳوٺ ۾ پکڙجي وئي، جو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيڻ لڳا ۽ سنت جي درشن ڪرڻ لاءِ سڀئي اچڻ لڳا. پڳر سنت پنهنجي شهرڪن کي آيو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ انهن جو آدرستڪار ڪري انهن کي ويهاريو. پوءِ سڀني کي منن وچن ۾ چوڻ لڳو ته ”مونکي لال سائين امان صاحب جي منو ڪامنا پوري ڪرڻ لاءِ ۽ گادي قائم ڪرڻ لاءِ آڳيا ڏني آهي ته وڃي ونش قائم ڪر جنهن ڪري مان هت ڪجهه وقت رهندس.

ٻن ڏي وڃان ٿو." اِئين چئي رشي ٻن ڏانهن هليو ويو. هي ٻيو سنت! اڳئين جنم ۾ اهو رشي ٿيو آهين جو هن جنم ۾ ٻيو سنت ٿيو آهين ۽ اها راجا جي ڌيءَ، جا تنهنجي ڪنوار ٿي آئي آهي جا امان صاحب آهي. ان ڏينهن کان پوءِ ان راجڪماريءَ ٻئي ڪنهن سان ٻـ وهانو نه ڪيو ۽ چيائين ته مون ور ڪيو سو ڪيو، پر ان جي من ۾ اچا رهجي ويئي ته مان رشيءَ سان هٿيالو ٻڌي ويٺيءَ ٿي وهان هان اهو سنڪلپ هنجو اڳئين جنم ۾ پورو ڪو نه ٿيو. سو هن جنم ۾ پورو ٿيو. هيءَ ڪنوار ڪا عام زال نه آهي پر هيءَ جڳت جنني آد ديوي شڪتي آهي هن ديويءَ جو سنڪلپ هن جنم ۾ شڌ ٿيڻو هو سو ٿيو، تنهنڪري هن کي پنهنجي استري ڪري نه سمجهه. هيءَ آد ديوي شڪتي آهي ۽ اڄ ڏينهن کان وٺي هن کي امان صاحب ڪري چوندا ڪريو." لال صاحب جن جي آگيا موجب ٻيو سنت ۽ ٻين شيوڪن سڀني هن کي ماتا جاڻي هن جي ڏاڍي پوڄا ۽ شيوا ٽهل ڪئي ۽ هنجي آگيا موجب هلڻ لڳا. اڄ ڏينهن تائين لال سائين جا پوڄاري امان صاحب جي شيوا ڪن ٿا. ٻهراڻي وقت امان صاحب جو پوڄ، ڪيئي پوءِ سيسا ورهائيندا آهن.

ٻيو سنت ڪجهه وقت رهي پوءِ لال صاحب جو ن ڏنل سٽئي شيون امان صاحب کي ڏيئي ڪري پاڻ لال صاحب جي چرڻ ۾ الوپ ٿي ويا. ٻيو سنت جي انتر ڌيان ٿي وڃڻ کان پوءِ امان صاحب چڱو وقت رهي

ٿورن ڏينهن کان پوءِ پڳر سنت جي ڌرمپتني به سائين جي چرنن ۾ سر نوائي وڃي سندن شرڻ ۾ حاضر ٿي، جنهنکري بالڪ جي نپائڻ جو سڄو بوجهه وڃي امان صاحب تي پيو.

بالڪ پيو اچ نيڍو سيان وڏو ۽ جڏهن پنجن سالن جو ٿيو تڏهن هن کي سکول ۾ پڙهڻ لاءِ وهاريائون. پيا صاحب ٿوري ئي وقت ۾ سڀ شاستر پڙهي پاس ڪيا. ان جو سڀاءُ غريب ۽ سانتيڪو هو ۽ ان جو ڳالهائڻ مٺو ۽ وڻندڙ هو جنهنجي ڪري ماڻهو ان جي ميناج ۽ رس جو مزو چکڻ لڳا. پيا صاحب جڏهن جوان ٿيو، تڏهن امان صاحب هن جي شادي ڏايي ڏام ڏوم، دهلن ۽ شهنائن سان ڪرائي. شادي ڪرڻ کانپوءِ پيا صاحب پنهنجي پتنيءَ سان سک جي جيون گذارڻ لڳا. ڪجهه وقت کانپوءِ امان صاحب ساري سنگت ۾ ظاهر ڪيو ته "مونکي پنهنجي ڌام وڃڻو آهي تنهنڪري توهين سڀ مونکي خوشيءَ سان موڪل ڏيو." ائين چئي سڀني کان موڪلائي پيا صاحب جن کي گاديءَ تي وهاري سنڌي شهرن سپرد ڪيون.

تنهن کانپوءِ امان صاحب درياهه جي ڪپ تي وڃي لال سائينءَ کي پرارٿنا ڪري جل ۾ اندر وڃي جل ۾ جل ٿي سمائجي ويئي.

اهڙيءَ طرح اڄ ڏينهن تائين وقت به وقت گادي قائم ٿيندي آئي آهي.

پوڄو امر اڏيري لال کي جنم :

تو هين هر روز ٽان ۾ اچي سنسڪ ۽ پڇن. او ٻڌ نڊا ڪرلو.” ڀڳر سنت جي مٺن وچن سڀني شهوڪن کي مزاج جي مڌر رس چکائي مست ڪري ڇڏيو.

ڀڳر سنت لال صاحب جي آگيا موجب اڳين شادي ڪيل پنهنجي ترمپٽنيءَ سان سک سان وقت گذارڻ لڳو. لال سائين جي ڪرپا سان پوري نائين مهني ۽ ڏهن ڏينهن کان پوءِ ڀڳر سنت کي سهڻو سندر گلاب جي گل جهڙو ڇٽيهه لڪڻ بالڪ ڄائو جنهن جي خبر سڄي ڳوٺ ۾ پکڙجي وئي. ڳوٺ ۾ ڏاڍا آنند منگل ٿي ويا. خوشيءَ جا گيت ڳائڻ لڳا. پوري ڇهين ڏينهن ڇٺيءَ جي ويلا وقت لال سائين جن اتي اچي پرگهٽ ٿيا. سڀيئي ماڻهو لال سائين کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ جئه جئڪار مڃائڻ لڳا. ڀڳر سنت لال سائين کي ڏسي ڏنڊوت پرڻام ڪري ڇرن ڇمي بالڪ کي کڻي آڻي لال سائين جي چرنن ۾ رکيو. لال صاحب اهو بالڪ کڻي امان صاحب کي گود ۾ ڏيئي چيو ته ”اڄ ڏينهن کان پوءِ هن بالڪ جي پالڻ پوشڻ جو سمورو بار اوهان تي آهي ۽ هن جو نالو بـ اوهان کي ٿي رکڻو آهي.“

لال صاحب جن جا اهي وچن ٻڌي بالڪ کي گود ۾ وٺي امان صاحب ڏاڍو خوش ٿيڻ لڳي ۽ ان بالڪ جا ماءُ پيءُ پيدا هئڻ ڪري، ان بالڪ جو نالو پيو ڪري رکيائين. پوءِ لال سائين ڀڳر سنت کي پاڻ سان وٺي سڀني کان موڪلائي اتان اٿي جٽا الوپ ٿي ويا.

کير ۽ ٻهراڻي جو منتر

امر لعل مهين ٻل ٻل جائون
کر کر ٻيا تمرا جس گائون
آسانو آون سي ڦل پاون
تمري ڏرون پرتا نهي جاون
اڪ پرس آيا ڪر آس
امر لعل جهليت کي پاس
تم سن هو پورن پرتپال
ميري آش پوجاوڻ لال
ٻهراڻا ٻهرو لال جا
جن ٻهراڻا چاڙهيا
سيئي سک وسن، ٿورا راڪا
گهٽي ٻرڪت - امر درياهه
کير کنڊ ٻريا - تنهنجو ٻهراڻو
منهنجو قبول ڪندين ———

آرتي لال سائينءَ جي

اوم جئه جهولي لال هري - سوامي جئه جهولي لال هري
ڀڳتن جا دک سنڪٽ - پل ۾ چوُر ڪراي - اوم جئه.....

١- جو ڌيائي سک پائي - دک ناس ٿين ان جا
سک سمپت گهر اچي - ڪشٽ ڪٽن تن جا - اوم جئه....

٢- مات پتا تون منهنجو - مان شرن آيس تنهنجي
لال شرن آيس تنهنجي
تو ٻن ناهه ٻيو ڪو - آس ڪريان ڪنهنجي - اوم جئه....

ڀڄڻ جهولي لعل سائين جو

جهولي - جهولي - جهولي - جهوليلعل
هندورن ۾ ٿو جهوليلعل - مندر ۾ ٿو مرڪي لعل،
جهولي - جهولي - جهولي - جهوليلعل.

١- ساوڻ سائين تنهنجي آس پڄائيندو -
ڀولڻ سائين تنهنجي آس پڄائيندو -
ڏکڙا کٽي اچي واس وڃائيندو - اهڙو آهي سائول شاهه،
جهولي - جهولي - جهولي - جهوليلعل.

٢- مڻن وارو سائين آس پڄائيندو -
چاليهي وارو سائين آس پڄائيندو -
وسڻ گهومڻ سائين آس پڄائيندو -
نيڌو نرام سائين آس پڄائيندو -
جهولي - جهولي - جهولي - جهوليلعل.

٣- سنڌي نماڻا عيبن هاڻا - لال سائين تنهنجي در تي وڪاڻا،
تنهنجي آش پڄاءِ - جهولي - جهولي - جهوليلعل

٤- بابو چئو لوکي عرض ڪريئو - ٻانهون ٻڌي لوکي ٻيڙان ٻولئو
سڀ جا ڪارج ڪراءِ - جهولي - جهولي - جهولي - جهوليلعل
زندهه پير اڏيرو لعل - ماڙيءَ ۾ ٿو مرڪي لعل،
هندورن ۾ جهوليلعل - جهولي - جهولي - جهوليلعل.
ٻول امرلعل ڪي جئه - لعل جا جهاني چئو جهوليلعل
آهو لعل چئو جهولي لعل.

پڄن (١) لعل جو

(رڪارڊ شري رام پنجواڻي)

طرز - منهنجي ٻيڙي اٿئي وچ سير ۾ -
ٻلوءَ ٻاٻان ٿي مان جلد ٻير ۾.

١- جهولڻ وارا لعل اُڏيرا -
ڪئي ڪن ٿا تو وٽ ٻيرا
تنهنجي مهر امير فقير ۾ - ٻلوءَ ....

٢- آءٌ تنهنجي ٻانهي، تون منهنجو سائين
ٻي واهه جو، وسيلو تون آهين
مان جهڳان ٿي تنهنجي اڪر ۾ - ٻلوءَ ...

٣- رانجهن چوي هيءَ آس آ منهنجي
همت ڏي ڪرسان شيوا تنهنجي
جو ناهي ڀروسو سرير ۾ - ٻلوءَ ....

(" رانجهن جون رهاڻيون " تان ورتل)

٣- تون پورن پرماتما - تون ئي انتريامي
لال تون ئي انتريامي
پار برهم اڏيرا - تون سڀ جو سوامي - اوم جئه...

٤- تون ئي دنيا جو ساگر - پالڻ ڪرڻ سڀ جو
لال پالڻ ڪرڻ سڀ جو
مان سيوڪ تون سوامي - داس تنهنجي در جو - اوم جئه.....

٥- تون الک نرنجڻ - سڀ جو پران پتي
لال سڀ جو پران پتي
ڪيئن مان ملان اوهان سان- ڏي دان دنيا پتي- اوم جئه.....

٦- دين بنڌو دک ڀڃڻ - ٺاڪر تون منهنجو
لال ٺاڪر تون منهنجو
هٿڙو مونتي ڦيرايو - آسيس ڪريو سڀ تي - اوم جئه.....

٧- داس "امر" اچ آيو - سوالي تنهنجي در تي
لال سوالي تنهنجي در تي
دوشن پنهنجو ڪرايو - دنيا ڪريو اسان تي - اوم جئه....

هيءُ پستڪ شري ٻچارام ساڌورام، شري گڻيش پرنٽرس، پالڪن جي ٻاري روڊ، هاسپيٽل ايريا، الهاسنگر-٣ ۾ ڇپيو ۽ اشوڪ ايل- لالواڻي ٻاران ايل- ڪشنچند ۽ سنس، ڪميلرس ۽ پبلشرس، الهاسنگر-٢ مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

امرلعل سائين جا پنجڙا

(١) پنجڙو جولڻ وارا

لعل سائين جولڻ وارا - دولهه درياهه موجن وارا
ڪر ڪرم اسان جا سارا جولڻ وارا

١- عيب نه مون ۾ آهن ڪيئي - بخشايان تو ڀري پيئي
بخش بخشڻهار - جولڻ وارا

٢- در تنهنجي تي روز پڪاريان - دم دم ۾ مان توکي سنڀاليان
ڪر ڪا ٻاجهه ٻاجهارا - جولڻ وارا

٣- اوکيءَ ويلي تي سهائي - مونتي ڪر تون مهر سدائين
هيڻن جا نه سهارا - جولڻ وارا

٤- ٻل نه مون ۾ ڪونه آهي - توکي وڏي طاقت آهي
جاڙي جاڙڻ هارا - جولڻ وارا

٥- همت ڏي ڪا مونکي پنهنجي - اوکي ويلي ڪر ڪا سولي
ساڪي سرجڻهارا - جولڻ وارا

٦- اوت نه مونکي آهي تنهنجي - ٻاجهه ڪٽي ڪر مونتي پنهنجي
سونيءَ ڪلنگيءَ وارا - جولڻ وارا

٧- داس کي هاڻي همت ڏيندان - پنهنجو پاڻ سهائي ٿيندان
لاهه ٻڌان جا ٻارا - جولڻ وارا.

ڀڄن (٢)

(رڪارڊ شري رام پنجواڻي)

طرز- الائجي ڇا ۾ راضي آ

الائجي ڪنهن سان راضي آ
ڪري راجا ڪو فقير
بازيگر جي بازي آ - الائجي ....

١- ڪنهن کي لک ڏئي تو لعل ڪري
ڪنهن کي ڪک ڏئي ڪنگال ڪري
ڏوهه اسانجا ڪين ڏسي
شل پنهنجي مهر ڪري - الائجي ...

٢- تو ٻاهه، ڪر ۽ ٺڪر ڇڏ
ڪر نوڙت ڌري ڌري
ڪنهنجي لڌ تو ڪوڙ ڪرڻ
ويندين خالي هٿڙا ڌري - الائجي ....

٣- پير پيغمبر ڪيئي ويا
ويندو هرڪو سفر ڪري
حاڪم حڪم هلائي ويا
ويا ظالم ظلم ڪري - الائجي ....

٤- ڏڪندو رهه هردم ان کان
جو ڪنهن کان ڪين ڏري
ٻاري رک رانجهن ان سان
جو دم دم قدم ڪري - الائجي ...

(” رانجهن جون رهاڻيون “ تان ورتل)

١١- ٻيري ٿوکي روز ٿوان تو
مان توکي روز ٻاڏايان - انت نه پايان
١٢- جمنو تڪر ڇوري مان آهيان لنهنجو
مان توسان د لڙي لڳايان - انت نه پايان ۔

(٣) پنجڙو درشن ڏي

سگهو لعل مونکي - پنهنجو مهن پسائج
ٻڏل هي ٻيڙو - ڪنڌي- تون لڳائج
١- ڪيئي ڪم ڪچايون - لکين مان مندايون
هاڻ سڀئي ٻڪاريون - ڪنڌي تون رسائج
٢- ڪيم سڌ ڪيئي - ٻڌي ٻئي ٻانهون
وچو ڏاڻ ڏيئي - اهو عرض اگهائج
٣- آهي ٻل نه مون ۾ - منهنجو ڏيان تو ۾
وجهي ٻل مون ۾ - مونکي وڌائج
٤- ڪيان تو نيزاري - سڻ آهه زاري
ڪئي ڪشت ياري - پاپن کان ڇڏائج
٥- آهيان آءُ سوالي - ڇڏ ٻد ٻن ڪين خالي
تون ئي جڳ جو والي - پنهنجو پال پلائج
٦- آهيان آءُ پياسي - ٻدا تو اداسي
تون گهٽ گهٽ جا واسي - سچي راهه ٻتائج
٧- ڪر پال پنهنجو - ڏسي حال منهنجو
مونکي تون سدارج - آهيان ٻال لنهنجو
٨- جمنو تو لاءِ پڪاري - هنجون روز هاري
سدا توکي ساري - مونکي نه وسارج ۔

(٢) پنجڙو امر لعل جي چرنن ۾

لنهنجي چرنن ۾ مان نوڙي سيس نوايان
انت نہ پايان

١- گناهہ نہ مون ۾ ڪہڙي آهن
سي ٿوڪان ٿي بخشايان - انت نہ پايان
٢- ساري جڳہ جو تون مالڪ آهين
ڪهڙا تنهنجا گڻ ڳايان - انت نہ پايان
٣- اپرم اپار آ تنهنجي ليلا
مان تنهنجو داس سڏايان - انت نہ پايان
٤- ڪہڙي سوالي در تنهنجي تي
ڪونہ ڪو خالي پايان - انت نہ پايان
٥- تون ٿي سوامي انترجامي
مان چت چرنن ۾ لايان - انت نہ پايان
٦- ٻڌ ڪٿي تون عرض نہ منهنجو
مان توکي روز پڪاريان - انت نہ پايان
٧- اوٽ نہ مون ورتي آ تنهنجي
مان ڪيئن امهد لاهيان - انت نہ پايان
٨- درد وندن جي دانهن ٻڌي تو
مان توکي روز سنڀاريان - انت نہ پايان
٩- ٻاجهہ ڪٿي ڪر مون تي پنهنجي
مان چاهہ اها تو چاهيان - انت نہ پايان
١٠- هٿ ٻڌي تو ڪيان تو در زاري
مان تنهنجي جيءَ مڃايان - انت نہ پايان

٦- اڄ پڻ اتر پار کان، آيو سوڍو سانول شاهه،
وڻ ٽڻ ساوا ڪيائين، سائو ڪيائين گاهه،
ماءُ چوي ٿي پٽ کي، تون مکڻ وٺي کاءُ.
جيڪو تورندو تارازيءَ ۾، پٺسي لڳندو پاءُ،
اهڙو سانول شاهه، جو ڏيندو ڏاڻ ڏڏن کي.

٧- دولهه تنهنجي در تي، چوڌارن سندو باغ،
وٺو آهين نه ڪڏ تي، جو سنو آهين نه جاءِ،
ڏي تون سنگت کي لاڳ، جو عالم تنهنجي آسري.

٨- امر آشائن جا، اونائين تون عرض
دلگيرن جون دفع ڪران، لاهين گوندو غم
هيءُ پڻ تنهنجا ڪم، جو ٻالڪ ۾ پورا ڪران.

٩- درياهه سندي در تي سوالي سوين اچن
ڏن ڏارا ۽ پٽن جي منشا من وکن
انڌا منيا جڏڙا جندا لعل جپن
سڀئي ڏاڻ ملن - جيوت چوي جاچيت ونان.

١٠- درياهه سندي در تي موٽي موڪ وهن
هيرا ماڻڪ اڻ ميا لهرن منجهه لڏن
پوڪن کي پاڻي ملي، وڻ سڪا ساوا ٿين
جيتل سوالي لک اچن، پسن مرادون من جون.

١١- درياهه سندي در تي، چوڌارن جو باغ
صوف، توت ۽ سنگترا، ڦل ڦول سبزيون ساڳ،
پرمي لائيون تا لڏون، ڳائين پنجڙا امر لعل جا،
جيتل مٽي وڃن دل جا داغ، دولهه درشن ڏٺي وڃن.

سلوڪ امر لعل صاحب جا

۱- سنگت آئي سوالي لعل، تنهنجي آس پڄائون لعل
دروپديءَ جا سڏڙا ٻڌي، اکت وڌس وڌائو لعل
پرهلاد سندو پرڻ ڏسي، نرسنگهه روپ ڌارئو لعل
ڪيشو سندا ڪارج ڪيا، ڏاڄي ڏانو پلائو لعل
ڌرو ٻالڪ جو شرڻي آيو، تنهن کي اٽل راج ملائو لعل
وڻن سوامي هٿڙا جوڙي، پلا پال پلائو لعل.

۲- درياهه لعل آهين دئيال، همدن جو هيڏو حال آهه
ميرو مندو آهيان گندو، پنهنجو جاڻج ٻال آهه
جڳ جڳ ۾ تون قائم دائم، ڀڳتن جو رکپال آهه
وڻن تي ڪرپا ڪر لعل ءَ تنهنجو نالو ڪرپال آهه.

۳- دولهه سندي در تي آهي سيڪو سوالي
مدش پسون پکي پيا جيت پراڻي
ڪارج ڪل جا تو ڪري وس سندو والي
موتي نا خالي جهوت جپي جند پيو ڪي.

۴- دولهه تنهنجي در تي، موتي موڪ وهن
ڪن چوندا چاهه مان، ڪي وسوڙا پيا وڻن
لڙ مدجهان لڌا تن، جن کي ٻالا ٻولي لعل جي.

۵- دولهه تنهنجي در تي، آهس ڪالهه کهي
مرد تنهنجي ميدان ۾، پيس رات رهي
صبح سان صحي، ڏيندئن ڏاڙ ڏڏن کي.

اورج امر لال کي ٺارون ياد ڪري،
ٻهراڻو ٻيڙو جو چنڊ چوڏس چڙهي
ٻيڄون ٻهڪن لال جون آهر سڪ ڪري،
ٽيهن ساڻ ڪري آهي امر اوڏرو

ٺارونءَ ڏيهن ٺار سان، آسائو ٻه اچن،
آرتي امر لال کي اچي نت ڏين،
ٻت ٻراهمڻ منگتا ساڌو شيوا ڪن،
آس پڄائي ان جي، جنکي جهڙي من ۾.
اورج امر لال کي چيچر ڏيهن صحيح،
آسرندو آهيان پوندو ٺاهه ٺهي،
ڏاڍو ڏيندو ڏاڍي ويندا غم لهي،
ايندو شاهه کهي ٻيڙا ٻري پنهنجا.

اڍائي ٽيون امر لال جون، سرنهن سٽي وار
ڍول دماما نغارا، نت واڄا وڄن ٽڪرا
لال ماڻڪ موتين جا ته تو ومت لک هزار
شاهه ۽ گدا سڀ سر نوائن ٺا لال ساه تو اڳيان

شل ڏاڻ ڏيندا ڏاتار، ڪندا ٻن مهر، مهر و سدمت چوي.
ڏوهيڙو - مان داسن جو داس او دولهه! تون شاهن جو شاهه،
جندا، جلپتي، وار ورڻ تون، هيڻن جو همراهه،
ٻڏندڙ ٻيڙا تڪ مان ٺارئن، تون ئي مير ملاح،
دنيا دکن سندو درياهه، تون ئي پار پڄائج پاڻٽي!

١٢- لعل ٽوڪي ٻل گھٽو، ٿيءُ مهنجو رکپال
ٻڌهنجي ٽون مهر سان ٻورو ڪر مهنجو سوال.
دير نہ ڪر ٽون اڏي هاڻ ڪونهي مهنجو حال
"جمنوءَ" لي ڪر مهر ڪا مان آهيان تهنجو ٻال.

اٺئي وار امر لال جا

آرتوار- اورج امر لال کي آرتوار ڏينهن اچي
منڍٻون منٿيون من جون، مهنجي سانول شاهہ سچي
رنگہ جهنجي رچي، آڌار ڏين مون اڌين کي.
اورج امر لال کي، سومر ڏينهن ساري
لهرون لڪ لڳهائي، لکہ منجهان ٽاري
هنڌٻون هزارن جون، سانول شاهہ سڪاري
ڪاروج ڪل ڪري، امر لال آسائن جا.
اورج امر لال کي منگل ڏينهن مضبوط
پگهر جي ٻاٽي وهي، وڏا ڏمر سڀ ڏوت
چوٽو چوراسين کي ڪرڻا ڪندو قوت،
سهر وهي ڏٻوت، اوچي امر لال جي.
اورج امر لال کي ٻڌر ڏينهن ڏٻان ڏري،
ڏکہ مڙئي ڏور ٿيا، وڃڙا پاپ ٻري
ٽوڙ اچن ڪيترا سچي شاهہ گهڙي،
ڪرپا ڪري ٻاڻ، امر لال آسائن ٽي.
اورج امر لال کي، وسپت ڏري وساهہ
وهي ٽو وجود مان، سوڏو سانول شاهہ،
ٻڪرو ٻيپرواهہ، ٽو ڏئي ڏاڻ ڏڏن کي.

ڪيئي ڇڏ من مان، ٻڌي ٻون ٻڌڪار
”أمر“ ڪري دل ٻهار، پسندين امر لال کي.

أسو - اسو مهڙي اسر جو، أٿي ڌار امر جو ڌيان
نڪري ويندءِ من مان، ڪوڙ ڪپت اڳيان
ٻڌان ٿالي امر جي، وقت نه ڪر زيان
نه ته پوءِ ٿيندين پشيمان، ”أمر“ جپي وٺ امر لال کي.

ڪتي - ڪتي مهڙي قرب مان، أٿي ڌيان امر جو ڌار
اڳيان رستو اٿئي اڻانگو، ڏاڍي جم جي اٿئي مار
جپي وٺ امر لال کي، ته سانول لهندءِ سار
”أمر“ ٿيءُ نه گيموار، جپي وٺ امر لال کي.

ناهري - ناهريءَ ۾ نروار ٿي، وٺ امر جي اوٽ
سچي رک ٻون ٻاونا، ڪڍ من مان کوٽ
ملندين وڃي محبوب سان، ڪاٽيندين نه جم جي چوٽ
هاڻ ”أمر“ ڪاٽي موٽ، مٿان وسارين امر لال کي.

پوهه - ٻڪ رکي پوهه ۾، جپ تون سانول شاهه
ٻاٻن ڪان ٻاسو ڪري، سر ڏان ٻڙي لاهه
ٻڌان ٻچن لال جي، سڪي ويندءِ ساهه
هاڻ ”أمر“ امر جو ڌيان ڌار، جپي وٺ امر لال کي.

مانگهه - مانگهه مهڙي مڪ سان، مرڪي ڏرن ڳالهاءِ
سڪ رک سائين سندي، من ۾ وڌهي هنڌاءِ
واليان ڌيهن امر جي، من ۾ جوت جڳاءِ
پوءِ ”أمر“ ٿوسان سهاءِ، امر ٿيندءِ پرلوڪ ۾.

ٻارهن مهينا امر لعل جا

چيٽ - چيٽ مهنو چاهه مان، تون اورج امر لال
ڪيو ڪُوڙ ڪپٽ من مان، ٻيا ڪو نا ڇڏ خيال
جيڪي وٺ ٻر امر سان، ڪر صاحب کي سوال
پوءِ "اُمر" ٿيندءِ نهال، صاحب اچي سيگهه ۾.

وساک - وساهه رکي وساک ۾، جيڪي جند پهر
ملڻ لاءِ سائين جي، من ۾ رکه اُڪير
لهرون لوڏا دک سهي، سڪ ۾ ٿيءُ سڌير
چڙهي منزل پاري، جيڪي وٺ امر لعل کي.

جيٺ - جاڳي واڳي جيٺ ۾، تون ٻير ٿان ۾ پاءِ
ڏري ڏيان امر جو، پاند ڳچيءَ ۾ پاءِ
پوءِ ٿيندءِ امر سهاءِ، "اُمر" اوکيءَ ويل ۾.

آکاڙ - اکو پائج آکاڙ ۾، وچي ڏولهه ڏر
آشا لهندي من جي، پوري ڪندو امر
اُٿي پهر اندر ۾، ڏيان انهيءَ جو ڏر
"اُمر" اهڙو سودو ڪر، جو ماڻين سک سرڳ جا.

سانوڻ - سک رکي سانوڻ ۾، جيڪي جهولي لال
ڪري ڏين ڏکين جا، پل ۾ پورا سوال
سوالي ان جي ڏر ٿان، ٿين مالا مال
"اُمر" اهڙو امر لال، جو ڏئي ڏاس ڏکن کي

ٻڊو - ٻاجي ڪين ٻڊي ۾، امر کي نه وسار
ڏوشن ڪاٽ ٻر ٺمر جي، روءُ تون زارو زار

* शिव शान्ती संत बाबा आसुदाराम आश्रम *
वी०आई०पी० रोड, लखनऊ
शिवसखी
पुस्तकालय
एवं
वाचनालय

ڦيرڻ ـ ڦيرڻ مهڙي ڦوهه مان، تون جيڪي وٺ ڀڳوان
ملي ويندا ان خاڪ ۾، ڇڏي هيءَ جهان
موٽيا اهي ڪيڏڪي، ساڳيا ٿي انسان
هاڻ "امر" ڇڏي ايمان، جيڪي وٺ جند ڀير ڪي.

پلئه درياهه شاهه جا (١)

لال اڏيرو انترجامي، ٻاهو هندورن ۾ جهولي لعل
١ـ منهنجو ٻالپڻ موهن موچارلون ٻهڳڻ ولئو ٻولي لعل
جنهن ٻيڙيءَ لي ٻاجهه ڪيائين، سا ٻيڙي پار ڪيائين لعل
٢ـ گهوڙو تنهنجو قائم دائم، سر الڪي تو ڪڏي سائين لعل
سائو ڇهڪ سونو نغارو، ستگرو هٿ ۾ آهي لعل
٣ـ سوني رڪيب ۾ پير سونهارو، تنهن ۾ پير پائي لعل
داسن داس گوبند گن گائي، سنگت ته ستگرو جو ملندم لعل

پلئه (٢)

پلئه جي پائين، خاوند خالي نه ڪري
در ته تنهنجا صبر پرنا، پرنا ٿي آهن
هاڻي آسائو آهن، جندا تنهنجي نانو جا.

پلئه (٣)

اڄ ڏانهن اُٿي آهيو، منهنجو سوڍو سانول شاهه
وڻ ٿڻ سڀ ساوا ڪيئه، اڄ سائو ڪيئه گاهه
ماءُ چوي ٿي پٽ کي، تون مڪڻ وٺي ڪاءُ
تون لاڙيءَ ۾، پٿي لڳندم ٻاءُ.

—o§o—

رمي شاستر پڙهي جيون جو سچو سک ماڻيو

ڏهن گرن جي جنم ساکي وڏي ٢٥-٠٠ روپيه

شريمد شو پراڻ

شو ڀڳوان جون انيڪ ليلائون ۽ آنند ڏيندڙ ڪٿائون
وڏو ٧٠ مورتن سان ٢٥-٠٠ روپيه

شريمد ڀاڳوت مورتن سان ٢٥-٠٠ روپيه

تلسي ڪرت رامايڻ مورتن سان ٢٥-٠٠ روپيه

سک ساگر (پنج گرنٿي) گروءَ جون ١٣ باڻيون ٤-٠٠

شريمد ڀڳوت گيتا ٥-٠٠ وڏي لسٽ مفت گهرايو

L. KISHINCHAND & SO

Book-Sellers, ULHASNAGAR-2 (Thane) Pho